واعدو

(ناول)





امر گوپالاٹي

واعدو

(ناول)

امر گوپالاڻي

پنهنجي طرفان

دوستو،

انسان جي به عجيب فِطرت ٿيندي آهي. جڏهن دماغ ۾ اَهنڪار جو
ٿيندو اَٿس ته پاڻ کي خُدا کان به ڏاڍو سمجهندو آهي. سچائي اِها
ته، نه دل وس ۾ هوندي اَٿس ۽ نه حالات. اُن وقت پاڻ کي مجبور،
سمجهندو آهي.

جڏهن دل ۾ پيار جو سلو ڦٽندو آهي ته آڪاش ۾ اُڏامڻ لڳندو آهي.
حالات مجبور ڪندا اَٿس ۽ پيار جو سلو مُرجهائڻ لڳندو اَٿس ته
غم سان ٿمتار ٿي ويندي اَٿس. وجود زنده لاش جهڙو ٿي ويندو
.

ڪوئي زخمن تي ملم لڳائڻ وارو ملي ويندو اَٿس ته دل کي آٿت
دو اَٿس. دل جي مُرجهايل ڪلي وري ٽڙڻ لڳندي اَٿس. مُرده جسم ۾
ڦوڪجي ويندي اَٿس.

''واعدو'' اَهڙي ئي هڪ شخص جي زندگيءَ ۾ آيل اُٿل پُٿل جي
تان آهي. اُميد آهي ته منهنجو هي ناول به توهان کي پسند ايندو.

قربن مان

امر گوپالاڻي
اِي-98، ساڪيت، اِندور-452018.
سيل نمبر : 08989831884

واعدو

(ناول)

ليکڪ : امر گوپالاڻي

دفعو : پهريون- سال : 2021

ڇپائيندڙ : امر گوپالاڻي

اِي-98، ساڪيت، اِنڊور-452018.

موبائيل : 08989831884.

ڪاپيون : 500

قيمت : 280 رپيا

ٽائيپ سيٽنگ ۽ ڇپائي ڏيندڙ } آهوجا گرافڪ سروس، اي-وارڊ، مين روڊ، ڪبيرنگر، احمدآباد-382340.

Vaido (Novel)

Writer : Amar Gopalani

Edition : 1st

Year : 2021

Published : Amar Gopalani
E-98, Saket, Indore-452018.
Mo. : 08989831884

Copies : 500

Price : 280/ Rs.

Type Setting / Printed by } Ahuja Graphic Service,
A-Ward Main Road, Kubernagar,
Ahmedabad-382340.
M. : 7817888191-8780671345

ISBN No. :

This book has been published with partial financial help from Sindhi Sahitya Academy-Bhopal (MP)



پہ اکر

عمر جا 8 ڏهاڪا پار ڪيل اسان جي اِنڊور جي مائہ‌ناز اديب ي امر گوپالاڻيءَ جي قلم ۾ تيزي آهي بلڪ نواڻ بہ آهي. اِهو ڪاري ٿو تہ سنڌيت ڪي ويجهڙ ۾ تہ ڪو لهر لوڏو ڪونہ اچڻو ي.

اَڄ جڏهن هِڪ شخص ٻئي ڪي سنڌيءَ ۾ ٻُڌڻ لاءِ تيار ڪونہ ي اهڙي دؤر ۾ ڪوبہ رچناڪار ڪُجهہ ڪري تہ اُن جي پُٺي ب ضرور ٿيڻ جُڳائي.

اسان ڪي پنهنجو صوبو نہ هجڻ ڪري سنڌيت جي پرچار، لاق، وڪاس ۾ وڏو نقصان رسيو آهي اِئين ڪونہ آهي؛ نہ رڳو ڏين سان اِها ويدن آهي بلڪ جن جا پنهنجا راجيہ آهن سي ندا بہ هن وقت آڪسيجن تي آهن يا وري ICU ۾ آهن، اِن ڻ ۾ ڪو وڏاءُ ڪونہ ٿيندو.

پيٽ



ناول ”واعدو“ قرب سان
پيت تو ڪريان اُنهن يوُوا
پريمين ڪي
جيڪي پيار ۾ ڪيل
قسم -واعدا شدت سان
نڀائيندا آهن.

امر گوپالاڻي

سِٽي بس ساڪيت چوراهي تي رُڪي. هڪ نؤجوان بس
چڙهيو. شڪل شبيهہ ۽ پهراوي مان امير گهراڻي جو ٿي لڳو.
۽ بہ سِٽي بس ۾؟
اڳلي سٽاپ تان هڪ نؤجوان ڇوڪري بس ۾ سوار ٿي.
ؤڏاري نهاريائين. جنهن سيٽ تي نؤجوان ويٺو هو، اُن جي
سان واري سيٽ خالي هئي. ڇوڪرِي اُن طرف وڌي. سيٽ
ي ويهڻ کان اڳ نؤجوان طرف ڏٺائين. نؤجوان باحيثيت لڳس.
۽ بہ سٽي بس ۾؟ وري سوچيائين، هوندس ڪائي پرابلم. آءٌ
تہ بس ۾ آهيان. ڪار گئريج ۾ ويل آهي. ٿي سگهي ٿو هِنَ
ي بہ ڪار ڪيڏانهن ويل هجي. وري هڪ نظر نؤجوان جي
هري تي وڌائين. نؤجوان اُداس ۽ ويچارن ۾ گُم نظر آيس.
ن ۾ ويچار آيس، آءٌ ناحق هڪ اجنبيءَ جي باري ۾ سوچي
ي آهيان. ڇوڪرِي خالي سيٽ تي ويهي رهي.
ڇوڪرِيءَ کان بيخبر نؤجوان پنهنجي ويچارن ۾ کوهيل
يو. ڇوڪرِي وري سوچڻ لڳي- عجيب اِنسان آهي. پرسان
ٽي آهيانس، ڪوئي احساس ئي نہ اٿس. ٻيو ڪوئي هُجي ها
مونسان سٽجي ويهڻ جي ڪوشش ڪري ها. هي شخص تہ
ن دنيا کان بيخبر آهي.
سِٽي بس پنهنجي حساب سان رُڪندي-هلندي شاستري برج
راس ڪري هيٺ لٿي. نؤجوان الرٽ (سُجاڳ) ٿي ويو. بس
ٽاپ تي رُڪي، ڪي سواريون لٿيون، ڪي چڙهيون. بس

هڪ ڳالهہ وڪاس ۽ بچاءُ لاءِ ضروري آهي. هڪ سنڌي اديب ٻئي اديب کي پڙهي ضرور ۽ پڻ سنڌي پاٺڪن جو تعداد وڌي اهڙا جتن ٿيڻ جُڳائين.

ادي امر گوپالاڻيءَ جي قلم مان نئون ڪتاب ”واعدو“ (ناول) توهان جي هٿن تائين پهچي رهيو آهي . ناول ”واعدو“ ۾ نواڻ آهي، ايترو چوڻ ڪافي آهي، سئنيما ڏسڻ وڻجبو آهي پر اڳ ٽيلر ڏنل هوندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن سئنيما ڏسڻ ۾ مزو نہ ايندو آهي اِن ڪري امر گوپالاڻيءَ جي ڪتاب مان ٽيلر نہ ڏيکارجي/ ٻڌائجي ٿو جيئن پوري سئنيما/ڪتاب مان اوهان کي مزو اچي.

اَمُل چئنلال آهوُجا ”رحمي“ (دهلي)

15-08-2021

(آزاديءَ جو 75هون ڏينهن)

س- ”چئو؟“
چوڪريءَ چيس- ”مونکي توهان سان ڪُجهہ ڳالهائڻو آهي.
جهہ نہ گهڻو ڪُجهہ ڳالهائڻ تي چاهيان، ڄاڻڻ تي چاهيان.“
”ڏسو، اسين هڪ ٻئي لاءِ اجنبي آهيون.“
”ضروري تہ نہ آهي تہ ٻہ اجنبي هميشهہ اجنبي هجن؟“
”پريچيہ وڌائڻ جي بہ تہ ڪا خاص وجهہ نہ آهي.“
”وجهہ آهي تڏهن تہ آءٌ توهان جي باري ۾ ڪُجهہ ڄاڻڻ
چيان ٿي.“
”ڏسو، منهنجي گهر وڃڻ جو وقت ٿي ويو آهي، ٻُڪ بہ لڳي
ي.“
”آءٌ ڪار ڪٺي آئي آهيان، آءٌ توهان کي ڪار ۾ وٺي ٿي هلان.
هان کي توهان جي گهر ڇڏيندس. رستي ۾ ڳالهيون بہ ٿي
نديون.“
سيٺ منع ڪندي چيس- ”آءٌ ڪار ۾ هرگز نہ ويهندس. آءٌ
هان کي بہ عرض ٿو ڪريان تہ ڪار نہ هلائيندا ڪريو.“
”لڳي ٿو توهان سان ڪوئي خوفناڪ حادثو پيش آيو آهي.
هن توهان ڪار ڊرائيونگہ کان گهبرايو ٿا.“
”مهرباني ڪري مونکي گهر وڃڻ ڏيو.“
”آءٌ توهان کي نہ روڪيندس، فقط پنهنجي اُداسيءَ جو سبب
ايو.“
”ڏسو منهنجا زخم اجا تازا آهن، اُنهن کي کوٽڻ جي ڪوشش
ڪيو ڪٿي زخم ناسوُر نہ بڻجي وڃن.“
”زخم سانڍيِ رکڻ سان ئي ناسوُر بڻبا آهن. وائکا ڪرڻ سان
خم مِڙيِ مِٽي ويندا آهن.“

اڳتي وڌي نؤجوان اُٿي بيٺو. ڇوڪريءَ اُٿي نڪرڻ ڏنس. بس ڪوٺاري مارڪيٽ جي اِسٽاپ تي بيٺي. نؤجوان گيٽ طرف وڌيو. ڪجهہ سوچي ڇوڪرِي بہ اُٿي بس مان هيٺ لهي ويئي.

نؤجوان هاڻي نارمل هو. هوُ اڳتي وڌندو رهيو، ڇوڪرِي بہ ڪجهہ فاصلو رکي پُٺيان هلڻ لڳس. گيٽ پار ڪري هڪ دڪان جي پرسان وڃي بيٺو. اُٽي جيب مان چاٻين جو ڇُڳو ڪڍي هڪ ڇوڪري کي ڏنائين. ڇوڪري تالا کولي، شٽر مٿي ڪري دڪان کوليو. هڪ ڇوڪرو پاڻيءَ جو لوٽو ڀرڻ ويو. ٻئي ڇوڪري چنڊ ڦوڪ ڪري ٻُهاري ڪڍي. نؤجوان مٿو ٽيڪي اندر گهريو.

ڇوڪري پاڻيءَ جو لوٽو هٿ ۾ ڏنس. نؤجوان ڇنڊو هنيو. دڪان جي پٺِ ۾ ئي هڪ ننڍو مندر ٺهيل هو. مندر ۾ گرونانڪ ديو جيءَ جهوليلال جي مورتي رکيل هئي. نؤجوان اگربتي ٻاري مٿو ٽيڪيوءَ ڪائونٽر جي پُٺيان ڪُرسيءَ تي نهي وينو ڇوڪرن بہ سيلس مئن جي ڊيوٽي سنڀالي. ڇوڪريءَ ڏٺو، اُهو گارمينٽ جو وڏو شو روم هو. ڇوڪرِيءَ موٽ کاڌي.

آرتوار جو ڏينهن هو. ڇوڪرِيءَ اڄ وري ڪوٺاري مارڪيٽ ۾ اُن شو روم تي ڪُجهہ خريداريءَ جي بهاني وڃڻ تي چاهيو. اڄ هوءَ ڪار ۾ آئي هئي. ڪار پارڪ ڪري، ڇوڪرِي شو روم طرف وڌي. ڏٺائين، ڇوڪرا شٽر کيرائي چُڪا هئا. هاڻي تالا لڳائي رهيا هئا. تالا لڳائي چاٻِي سيٺ کي ڏنائون. چاٻِي بريف ڪيس ۾ رکي سيٺ ٻيءَ گيٽ طرف وڌيو. ڇوڪرِي موٽ کائي گيٽ کان ٻاهر نڪري هڪ طرف بيهي رهي. سيٺ گيٽ پار ڪري هڪ طرف وڌيو. ڪُجهہ اڳتي وڌيو تہ ڇوڪرِيءَ پرسان وڃي چيس، ”ٻُڌو.“ سيٺ ڇوڪرِيءَ ڏانهن حيرت مان نهاري

پرستيج ڪاليج ۾ ائڊميشن ورتي هئي. پهريون دفعو ڪلاس
بند ڪرڻ ويو هوس. اُتي سنگيتا کي ڏٺو هيم، ڏسي آءٌ جڙ ٿي
س. ڪنهن وقت هوءَ منهنجي نظرن کان دور ٿي ويئي، مونکي
ڊ نہ رهي. هڪ ٿلهي ڇوڪريءَ مونسان ٽڪرائجي اڳتي وڌي
ئي، تڏهن هوش آيو. آءٌ ڪلاس ۾ ويس. اڳيون سيٽس ڀرجي
ون هيون. آءٌ آخرين قطار ۾ وڃي ويٺس. سنگيتا نظر نٿي آئي.
ڪن سندس تصوير منهنجي من ۾ اُڪري ويئي هئي. مون من
طيءَ ڪري ڇڏيو تہ هڪ ڏينهن سنگيتا کي پنهنجي جيون
نگني بڻائيندس.

جيون سنگني بڻائڻ لاءِ سنگيتا سان دوستي ڪرڻ ضروري
ئي. دوستيءَ لاءِ هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ضروري هو. ليڪن ڳالهائڻ
و موقعو ئي نہ مليو.

وقت گُذرندو ويو. پهرئين سيمسٽر جا اِمتحان شروع ٿي ويا.
هنجي ڊيسڪ سنگيتا جي لڳولڳ هئي. اِمتحان هو، پورو ڌيان
يپر ڏيڻ ۾ لڳو پيو هو. هڪ ڏينهن لکندي سنگيتا جي
ن جواب ڏيئي ويئي. ٻي پين آڻڻ ڀُلجي ويئي هئي. مُنجهي
ئي. پيپر اڌ ۾ ڇڏڻ جو مطلب هو فيل ٿيڻ. هڪ سال جي
بادي.

سنگيتا آسائتين اکين سان مون ڏانهن نهاري پُڇيو، ”توهان
ت هڪ ايڪسٽرا پين آهي؟“

مون وٽ هڪ قيمتي پين هئي، جيڪا آءٌ گهٽ اِستعمال
ندو هوس. مون اُها پين سنگيتا کي ڏني. سنگيتا لکڻ شروع
يو. آءٌ بہ لکڻ ۾ مشغول ٿي ويس. سنگيتا جو پيپر پهريائين
رو ٿي ويو. ڪاپي ايگزامنر کي ڏيئي ٻاهر نڪري ويئي.

سيٺ اُيو ساهہ کڻي چيو، ”لنبي کهاڻي آهي، بيٺي بيٺي ٻُڌائي نہ سگهندس.“

”ڪافي هائوس قريب آهي اُتي پنڌ پنڌ ٿا هلون. ڪُجهہ کائي بہ وٺنداسين ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ بہ ٿي ويندو.“

سيٺ مڃي ويو. ٻئي پنڌ پنڌ ڪافي هائوس ويا. اُن وقت ڪافي هائوس ۾ اِڪو ڏُڪو ماڻهو وينا هئا. هي ٻئي بہ هڪ ڪارنر واري ٽيبل وٽ وڃي وينا.

ويٽر پاڻيءَ جا ٻہ گلاس رکي ويو. ڇوڪريءَ بہ پليٽ چيز سئنڊوچ جو آرڊر ڏنس. پاڻي پِي گلاس رکي ڇوڪريءَ چيس، ”منهنجو نالو سلوني رتا آهي. توهانجو؟“

”سورج چڊا.“

سورج پهريون دفعو اکہ کڻي سلونيءَ ڏانهن نهاريو. رنگہ سانورو سلونو. هڪ ڪرو بدن، روش تکا، آبدار گهريون اکيون. ڪوئي ميڪ اپ نہ. گلي ۾ سوني چئن.. هڪ آڱر ۾ هيري جڙيل مُنڊي. هڪ ڪرائيءَ ۾ قيمتي واچ.

ويٽر آرڊر سروَ ڪري ويو. سلونيءَ چيس- ”پهريائين ڪائي وٺو، پوءِ ٿا ڳالهايون.“

ٻنهين سئنڊوچ کاڌي. پيپر نئپڪن سان هٿ اُگهيائون. ويٽر هڪ ٽري ۾ خالي پليٽون رکيون. وڌيڪ آرڊر لاءِ بيهي رهيو. سلونيءَ چيس، ”ٿوري دير باد ٻُلاتي هون.“ ويٽر هليو ويو. سلونيءَ سورج کي چيو- ”هاڻي ٻُڌايو.“

”هوءَ...“

”هوءَ ڪير؟“

”ٻُڌايان ٿو. هن جو نالو سنگيتا ڪلياڻي هو. مون ايم. بي. اي.

كافي ۽ بل کڻي اچڻ لاءِ چيو. ويٽر جي وڃڻ کان پوءِ چيائين-
توهان ٿڪل آهيو، توهان کي آرام جي ضرورت آهي. اڄ لاءِ
ترو ڪافي آهي. باقي بئي آرتوار تي.''
''توهان بئي آرتوار تي وري ايندا؟''
''جيستائين آءٌ توهان جي پوري داستان نہ ٻُڌي آهي، آءٌ
ندي رهندس ۽ توهان سان ملندي رهندس.''
ويٽر ڪافي ۽ بل کڻي آيو. سلونيءَ پرس کوليو، سورج منع
يس. پرس مان ٻي سوين جو نوٽ ڪڍي پليٽ ۾ رکي چيس،
باقي آپڪي ٽپ هئہ.'' ويٽر سلام ڪري نوٽ کڻي هليو ويو.
ي ڪافي سپ ڪرڻ لڳا. ڪافي پِي بئي ٻاهر نڪتا. سورج
چيس، ''بئي آرتوار تي بہ هتي ئي؟''
''ها، هيءَ پيس فل (شانتيءَ واري) جڳهہ آهي.''
سورج موڪلائڻ لڳس. سلونيءَ چيس، ''هلو آءٌ توهان کي
وهان جي گهر ڇڏيندس.''
سورج چيس، ''ڪار ۾ نہ.''
''ڪار پارڪنگ ۾ پئي آ، اُن جو ڇا ٿيندو؟''
''هلان ٿو، ليڪن منهنجو شرط آهي، هڪ نہ ڪار آءٌ هلائيندس.
بو اڄتي توهان ڪار خود نہ هلائيندءُ. ڪار لاءِ ڊرائيور رکندءُ.''
''ليڪن منهنجي بہ اِلتجا آهي، توهان بہ ڊرائيور رکي اڄتي
ڪار ۾ ئي ايندا ويندا.''
سورج سوچڻ لڳو. سلونيءَ ٽوڪيس، ''ڇا پيا سوچيو؟''
''ڪُجهہ نہ هلو.''
بئي ڪوناري مارڪيٽ جي ڪار پارڪنگ ۾ ويا. سلوني سورج
ي پنهنجي ڪار وٽ وٺي ويئي. پرس مان ڪار جي چاٻي

ڪُجهه دير بعد آءٌ به پيپر پورو ڪري ڪاپي ڏيئي ٻاهر نڪتس.
سنگيتا هڪ هنڌ بيٺي اِنتظار ڪري رهي هئي. مونکي ڏسي هوءَ مون وٽ آئي. پين واپس ڪندي چيائين، ”شڪريه، توهان مونکي فيل ٿيڻ کان بچايو.“
مون چيومانس- ”پين منهنجي طرفان گفٽ سمجهي رکو، ڪڏهن مونکي ضرورت پوي ته مدد ڪجو. حساب برابر ٿي ويندو.“
هُن قربائتين اکين سان مون ڏانهن نهاريو، پيهر شڪريه ادا ڪري هلي ويئي. منهنجي دل کي سڪوُن مليو. سوچيم پيار جي منزل طرف منهنجو اِهو پهريون قدم هو.
”پوءِ ڇا ٿيو؟“
”پوءِ وري لنبي خاموشي.“
ويٽر اُتان لنگهي رهيو هو، سلونيءَ سڏي به مصالحا ڍوسا جو آرڊر ڏنس. هوءَ اِنتظار ڪرڻ لڳي ته آءٌ وري ڪُجهه چوڻ شروع ڪريان. چوڻ لاءِ گهڻو ڪُجهه هو، آءٌ سوچي رهيو هوس ڪٿان شروع ڪريان. گلاس ڪٽي پاڻيءَ جا به ڍُڪ پريا. آءٌ سوچي ئي رهيو هوس ته ويٽر ٽري ۾ به ڍوسا ۽ سانبر کڻي آيو. کائڻ شروع ڪيوسين. کائڻ سان گڏ آءٌ سوچي رهيو هوس ته ڇا ٻُڌايان، ڪٿان ٻُڌايان؟ ڪيئن ٻُڌايان؟ اکين اڳيان سنگيتا جو چهرو ٽري آيو. دل درد سان پرجي ويئي. پاڻي پِي درد کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي. سلونيءَ منهنجي چهري تي چانيل پيڙا جي ڀاو کي پروڙي ورتو. وري ڪُجهه نه پُڇيائين. خاموشيءَ سان کائڻ لڳي.
ٻنهين ڍوسو کائي پورو ڪيوسين ته سلونيءَ ويٽر کي سڏي

سورج پيءُ کي چيو- ”ڊئڊي ڪار لاءِ هڪ ڊرائيور رکون تہ بهتر
دو.“

هوندراج (سورج جو پيءُ) سورج کي چيو- ”پُٽ ضرورت تہ
. آءٌ جلد ئي ڊرائيور جو اِنتظام ڪري ٿو وٺان. توکي بہ سِٽي
۾ سفر نہ ڪرڻو پوندو. ڊرائيور ڇڏي بہ ايندءِ، وٺڻ بہ
ءِ.“

هوندراج پنهنجي دوست ڄڳتراءِ (جيڪو اِنڊيڪا جي شو روم
مئنيجر هو) کي فون لڳايو. ڪال رسيوَ ٿيڻ تي هوندراج چيو-
تو آءٌ هوندو ٿو ڳالهايان.“

ڄڳتراءِ چيس- ”اڄ بي وقت ڪيئن ياد ڪيو اٿئي؟“

”هڪ ڊرائيور جي ضرورت آهي.“

”ڪڏهن کان کپئي؟“

”فورن يلي سياڻي کان ئي اچي.“

”فل ٽائيم کپئي يا پارٽ ٽائيم؟“

”فل ٽائيم.“

”چا ڏيندينس؟“

”اِهو تون طيءِ ڪري ٻڌائجانءِ.“

”صبوح جو 9 بجي پهچي ويندءِ. صبوح جو 9 بجي کان رات
وين بجي تائين ڊيوٽي ڏيندءِ. نالو سِڏو اٿس. 8000 رپيا
ڏجانس.“

بهتر آ. سورج، تنهنجو ڊرائيور جو مسئلو حل ٿي ويو. هاڻي
تہ هلي رسوئي کائون.“

ڊئڊي، توهان ڊرنڪ وٺو، آءٌ ٿوريءَ دير ۾ اچان ٿو.“

ڪجهہ دير بعد سڀ گهر جا ڀاتي ڊائننگ ٽيبل تي گڏ ٿيا.

ڪڍي سورج کي ڏنائين. سورج ڪار جي گيٽ کولي ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺو. سلوني ٻئي طرف کان گيٽ کولي اڳين سيٽ تي ويٺي. گيٽ بند ڪيائون. سورج ڪار اِسٽارٽ ڪري پارڪنگ مان ٻاهر ڪڍي آيو. ڪار پلاسيا طرف وڌايائين.

سورج سنڀالي ڪار هلائي رهيو هو. سلونيءَ کان گهر جو پتو پُڇيائين. سورج پلاسيا چوراهو ڪراس ڪيو. اڳتي ٽِواٽي مان ڪار ساڪيت طرف موڙي. هڪ خالي جڳهه تي ڪار بيهاري هيٺ لهڻ لڳو. سلونيءَ وينتي ڪندي چيس، ''پليز سورج، ويهو. آءٌ توهان کي توهان جي گهر ڊراپ ڪري پوءِ گهر ويندس. هن طرف ڪائي رِسڪ ناهي.''

سورج سلونيءَ کي ڊرائيونگ سيٽ تي اچڻ لاءِ چيو، خود هيٺ لهي ٻئي طرف کان وڃي ڪار ۾ ويٺو. سلونيءَ سورج کان گهر جو پتو پُڇي ڪار منيشپوريءَ طرف وڌائي. سورج کي سندس گهر ڊراپ ڪري ڪار موڙي پلاسيا پنهنجي گهر جو رخ ڪيو.

سورج پنهنجي روم ۾ وڃي بريف ڪيس الماڙيءَ ۾ رکيو. ڪپڙا بدلائي پلنگ تي وڃي ليٽيو. ليٽڻ شرط ئي گهري ننڊ اچي ويس. ماڻس هڪ دفعو ڏسڻ ويس. پُٽ کي گهريءَ ننڊ ۾ ڏسي من کي ٿڌو ڇنڊو پيس.

موبائيل جي رنگ ٽون وڄڻ تي سورج جي ننڊ کُلي. ڏنائين شام جا 7 ٿيا هئا. فون بند ٿي چُڪي هئي. سورج اُٿي ٽائلٽ ويو. هلڪو ٿي واش بيسن تي وڃي هٿ منهن ڌوئي نئپڪن سان اُگهي وار سنواري ڪمري ۾ آيو. بتي ٻاريائين. هڪ دفعو وري موبائيل تي مِس ڪال ڏنائين. ڪال ضروري نه هو. موبائيل بند ڪري ٻاهر نڪري بئٺڪ ۾ ويو. وڃي پيءُ سان حالي-احوالي ٿيو.

سورج ڪافي هائوس ۾ اندر ويو. سلونيءَ کي سا ڳيءَ ڪارنر
ريءَ ٽيبل تي سندس اِنتظار ۾ ويٺو ڏٺائين. سورج اُن طرف
يو. سلونيءَ کي وِش ڪري پرسان رکيل ڪُرسيءَ تي ويٺو. ويٽر
ڊر لاءِ آيو. سلونيءَ چيس- ''بٽر ٽوسٽ وِٿ ڪافي، بٽ آفٽر
2 منٽس.''

سلونيءَ سورج ڏانهن نهاريو.

سورج بنا پوڇڪا ٻُڌڻ جي ٻُڌائڻ شروع ڪيس. ''ڪيترا مهنا
ڙري ويا. سنگيتا سان وري ڳالهائڻ جو موقعو نہ مليو. هڪ ڏينهن
انڪ سنگيتا جي طبيعت بگڙجي پيئي. ڪلاس ۾ ئي اُلٽيون
رڻ لڳي. مون سنگيتا وٽ وڃي چيومانس، همٿ حوصلو رکہ،
جلد ئي توکي هاسپيٽل وٺي ٿو هلان. مون پرنسيپال جي
يس ۾ وڃي چيو، سر، سنگيتا ڪلياڻي ڪي طبيعت اچانڪ
راب هو گئي هئہ، اُسڪو فورن ميڊيڪل ايڊ ڪي ضرورت هئہ
پ ڪسي ڊرائيور سي ڪهين همي ٽي. چوئٿرام هاسپيٽل ڇوڙ
ي.''

پرنسيپال چيو- ''تُم سنگيتا ڪو ڪلاس سي باهر لي آئو، مئن
ني ڊرائيور سي ڪهتا هوُن آپڪو ڪار ۾ ٽي. چوئٿرام ڇوڙ
يگا.''

''ٿئنڪيو سر''، چئي آءٌ ڪلاس ۾ وڃي سهارو ڏيئي سنگيتا
ي ڪلاس روم ڪان ٻاهر وٺي ويس. پرنسيپال خود ٻاهر مؤجود
. مون پنهنجي ۽ سنگيتا جي پارڪنگہ ۾ بيٺل اِسڪوٽيءَ جون
بيون پرنسيپال کي ڏنيون. ڪتاب ۽ ڪاپيون چپراسيءَ کي
يون.

آءٌ ڪار ۾ سوار ٿي سنگيتا سميت ٽي. چوئٿرام روانو ٿيس.

سورج جي ماءُ رسوئي جا ڊونگا، پليٽون، بائول، چمچا، نئپڪن، پاڻيءَ جي جڳ، گلاس، سبزي ڪڏڻ جا ڪيوڙا سڀو سامان ٽيبل تي رکايو هو.

سيني پليٽ، بائول، چمچو کنيو، پنهنجي ضرورت جيترو ڪڍڻ لڳا. سيني رسوئي پروسي ورتي. سيني گڏجي کائڻ شروع ڪيو.

رسوئيءَ کان نورت تي سورج پنهنجي ڪمري ۾ ويو. اڄ اچانڪ سلونيءَ سان ٿيل مُلاقات جي باري ۾ سوچيندو رهيو. ڪُجهه عجيب لڳس. سلونيءَ سان ملڻ کانپوءِ دل دماغ کي ڪُجهه هلڪو محسوس ڪيو هئائين. سائيڊ ٽيبل تي رکيل سنگيتا جي مُسڪرائيندڙ فوٽوءَ کي ڪيتري دير نهاريندو رهيو. من پرجي آيس. اکيون نم ٿيڻ لڳس. رومال سان اکيون اُگهي، پاڻي پِي، زيرو بلب جلائي باقي لائيٽ بند ڪري بستري داخل ٿيو. ڪُجهه دير ڪروٽون بدليندو رهيو. ڪنهن وقت سنگيتا جي باري ۾ ته ڪنهن وقت سلونيءَ جي باري ۾ سوچيندي اک لڳي ويس.

صبوح جو اُٿي پنهنجي روٽين لائيف ڪي لڳي ويو. 10.45 تي ڊرائيور ڪار ۾ ڪوناري مارڪيٽ وٺي ويس. سورج کي لاهي ڊرائيور موٽي ويو.

هڪ هڪ ڪري هفتي جا 6 ڏينهن گُذري ويا. آرتوار جو اڌ ڏينهن به گُذري ويو. ڊرائيور ونڻ آيس. ڪار ۾ ويهي ڊرائيور کي چيائين، ”ڪافي هائوس هل.“

ڪافي هائوس پهچي ڪار مان لهي چيائينس، ”جيستائين آءٌ اچان، تون منهنجو اِنتظار ڪجانءِ.“

ھ ڏينھن هاسٽل کي پُلجي وڃ. جيستائين بلڪل نيڪ ٿي
ن، اسان جي گھر هلي رهڻو پوندءِ.“
نگيتا چيو- ”هڪ ٻيو احسان ڪري احسان چُڪائڻ جي ڳالھ
ريو؟“
ون چيومانس- ”اِن ڳالھ کي ڇڏ، چانھ پيئنديندءِ؟“
فلحال نہ.“
شام جو هلڻو آهي، آءٌ تنهنجي لاءِ روم نيڪ ڪرڻ لاءِ چئي
ڏيان. تنهنجي لاءِ ڪپڙا بہ گھرايان ٿو، چئينج ڪري گائون
ن ڪري هلجانءِ.“
آءٌ تہ توهان جي لاءِ هيڊايڪ بڻجي ويس.“
ون مُسڪرائي چيومانس- ”مٿي تي پنهنجا گُلابي چپ
انءِ، سُور غائب ٿي ويندو.“
نگيتا شرمائي اکيون ٻوٽي ڇڏيون.
يٽر آرڊر سروَ ڪري ويو. اسان ٻنهين ٽوسٽ کائي ڪافي سپ
ڻ لڳاسين. مون سلونيءَ کي چيو- ”مون ڊرائيور رکيو آهي،
جو ڪانٽئڪٽ نمبر هُجي ها تہ توکي هِتي وٺي اچي ها.“
سو تہ نيڪ آهي، ليڪن اِئين ڪيئن هلندو؟“
چا ڪيئن هلندو؟“
هفتي ۾ چند منٽ، اِئين تہ توهان جي پوري داستان ٻُڌڻ
هنا لڳي ويندا.“
مون وٽ ٻيو ٽائيم ئي ڪٿي آهي؟“
هڪ ڪم ڪريو، اينڊڙ آرتوار تي توهان دُڪان جي سڄو
ن ڇُٽي رکو. صبوح سويل مانڊوءَ نڪري هلنداسين. ڪنهن
انت جڳھ تي ويهي شام تائين ڳالهيون ڪنداسين.“

ڪار مان ئي فون ڪري پيشنٽ جي جاڻ ڏني ۽ ڪين فورن گھربل ٽريٽمينٽ ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو.

اسين گيٽ تي پھتاسين تہ بہ ڄڻا گيٽ وٽ اِسٽريچر کڻي اُتي موجود ھئا. ڪار مان لاھي سنگيتا کي اِسٽريچر تي ليٽائي آءِ.سي.يوُ. لاءِ روانا ٿيا. مون شڪريہ ادا ڪري ڊرائيور کي روانو ڪيو. تکڙا قدم کڻندو آءٌ بہ سنگيتا جي پُٺيان ويس. ڊاڪٽر فورن سنگيتا کي اٽينڊ ڪيو. سنگيتا کي فوڊ پائزن ٿيو ھو. دوائن ذريعي سندس پيٽ صاف ڪري زھر جي اثر کي ختم ڪري ڊرپس چاڙھي ڪيس روم ۾ شفٽ ڪيو ويو. اُتي پھچي مونکي چيائون تہ فارم ڀري ائڊوانس پئسا جمع ڪرائي اچان. مون نرس کي سنگيتا جو خيال رکڻ جو چئي، ڪائونٽر تي وڃي فارم ڀري ڪريڊٽ ڪارڊ سان ڏھہ ھزار جمع ڪرايا. مون ڊاڪٽر وٽ وڃي پُڇيومانس- ”سر، پيشنٽ کي گھڻو وقت اِسپتال ۾ رُڪڻو پوندو؟“

ڊاڪٽر چيو- ”طبيعت ڪنٽرول ۾ اٿس شام جو وٺي وڃي سگھوس ٿا. کاڌي پيتي جو خيال رکجوس. ٻاھر جو ڪُجھہ بہ نہ گھر ۾ بہ کچڙي وغيرہ ھلڪو ڦلڪو کاڌو ڏجوس. وقت سان گوريون، دوائون ڏجوس.“

آءٌ ڊاڪٽر کي شڪريہ چئي، روم ۾ سنگيتا وٽ ويس. سندس خراب ٿيل ڪپڙا لاھي اِسپتال جو گائون پارايو ھئائونس. ھاڻي سنگيتا سُرھي ٿي نظر آئي. مون پُڇيومانس، ”ڪيئن ٿي محسوس ڪرين؟“

”بھتر، آءٌ توھان جو احسان ڪيئن ...“

مون اڌ ۾ ڪٽي چيومانس- ”احسان چُڪائڻ ٿي چاھين تہ

ر توار صبوح جو سورج ڪار ۾ سوار ٿي مانڊوءَ لاءِ روانو ٿيو.
يور ڪار سلونيءَ جي گهر روڪي. سلوني تيار هئي. اُن کي
ڪٽي ايُتي وڌيا.

رائيوءَ ۾ ڪار روڪي هِڪ هوٽل تي پوها، جليبي، ڪچوڙيءَ
ناشتو ڪري چانهه پِي ايُتي وڌيا. ڊرائيور مانڊو پهچي ڪار
ب روپمتي هوٽل جي پارڪنگ ۾ روڪي. سورج ۽ سلوني ڪار
لٿا. سورج پرس مان سؤ جو نوٽ ڪڍي ڊرائيور کي ڏيئي
، شام جو 6 بجي تائين فري آهين، وڃي گهم ڦِرُ، منجهند
جتي کپيئي ماني کائجانءِ.“

ڊرائيور پُڇيس، ”توهين ڪيڏانهن نه ويندا؟“

سورج چيس، ”نه اسين ڪيڏانهن نه ويندا سين، هِتي روم ۾
هونداسين.“

ڊرائيور من ۾ سوچيو- ”مالڪ هِتي مستي مارڻ لاءِ آيو آهي.“

سورج رسپشن تي وڃي هڪ ڏينهن لاءِ هڪ روم بوڪ ڪرايو.
ايو چُڪائي ويٽر سان گڏ ويو. ويٽر هڪ ڊبل بيڊ جو روم کولي
ں. روم ويل فرنشڊ هو. سورج سلونيءَ سان گڏ روم کان ٻاهر

روم سان لڳ ورانڊو هو. ورانڊي ۾ هڪ ننڍي گول ٽيبل ۽ ٻه
سيون رکيون هيون. اُن کان ٻاهر کُليل جڳهه هئي. گُلن ٻوٽن
ڪياڙي هئي. اُن کان پوءِ هڪ ننڍي پِٽ ۽ ريلنگ لڳل هئي.
ب وڃي ريلنگ پرسان بيٺا. هڪ طرف سرسبز پهاڙيون هيون،
ي طرف گهٽو هيٺ ترائي هئي. وادي سرسبز هئي. ڪُجهه
پڙا هئا ۽ کيت هئا. خوبصورت منظر پسي ٻئي وڃي ورانڊي
يٺا. ٻئري کي ڪافيءَ جو آرڊر ڏنائون.

”آرتوار ڏينهن مانڊوءَ ۾ سئلانين جي ڀيڙ هوندي آهي. ڪابہ ايڪانت واري جڳهہ خالي نہ ملندي.“

”ڪنهن هوٽل ۾ روم وٺي هلي ويهنداسين. اُتي آرام سان ويهي ڳالهائينداسين.“

”توهان کي منهنجي داستان ۾ ايتري دلچسپي ڇو آهي؟“

”اِنسان ۾ ڄائي ڄم کان جڳياسا جي ڀاونا هوندي آهي. ٻار ڄمڻ جي ڪُجهہ وقت کان پوءِ گهر جي ڀاتين کي جڳياسا سان ڏسندو رهندو آهي. ڪُجهہ وقت کان پوءِ ٻار ڇهرن کي سُڃاڻڻ لڳندو آهي. جيئن جيئن عمر وڌندي اٿس، گهر جي هرهڪ شيءِ کي غور سان ڏسندو آهي. جڏهن پوريءَ طرح ڳالهائڻ سکندو آهي، تڏهن ماءُ کان، پيءُ کان خاص ڪري ڏاڏي کان هرهڪ شيءِ جي باري ۾ بار-بار سوال ڪري ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اِن سان ٻار جي سمجهہ وڌندي آهي. مون ۾ بہ ڄاڻڻ جي جڳياسا آهي . توهان کي ڀهريون دفعو سٽي بس ۾ اُداس حالت ۾ ڏٺو هيم. اُن وقت ئي توهان جي اُداسيءَ جو ڪارڻ ڄاڻڻ جي من ۾ جڳياسا جاڳي هئي.“

”نيڪ آهي. آرتوار ڏينهن صبوح جو 8 بجي تيار رهجانءِ. ناشتو رائوءَ ۾ هلي ڪائينداسين.“

ويٽر کي بل ڏيئي ٻئي پارڪنگ ۾ ويا. ڊرائيور سندن اِنتظار ڪري رهيو هو. سلوني ڪار جي پٺينءَ سيٽ تي ويٺي سورج اڳيان.

ڊرائيور پلاسيا ۾ سلونيءَ جي ٻڌايل پٽي تي ڪار روڪي. سلونيءَ کي ڊراپ ڪري سندس گهر ڏسي، ڊرائيور ڪار منيشپوريءَ طرف وڌائي.

”فوڊ پائزننگ.“

”ڇا؟“

”پاپا گهبرائڻ جي ضرورت نہ آهي. ڊاڪٽرن منهنجو استمڪ
ش ڪري (پيٽ صفا) ٻرپس چاڙهيائون. شام جو موڪل ڏيئي
يائون.“

”هاڻي ڪٿي آهين؟“

”سورج جي گهر مونکي رهڻ لاءِ الڳ ڪمرو ڏنو اٿائون. ڪجهہ
نهن ڪيئر ۽ ڪريءَ (پرهيز) جي ضرورت آهي. دوا بہ چالو
ي.“

”پُٽ، آءٌ ماڻهين سميت نڪران ٿو. سورج جو روبرو اچي
ڪريہ ادا ڪندس. سورج جي گهر جو پتو ڇا آهي؟“

”ڊئڊي، توهان ڪهڙيءَ ٽرين ۾ ايندا؟“

”بلاسپور اِنڊور ۾.“

”توهان کي اِسٽيشن تي سورج رسيوَ ڪرڻ لاءِ اچي ويندو.“

”تڪليف ڪرڻ جي ضرورت ناهي. اسين هوٽل ۾
ڪنداسين.“

”آءٌ هِتي، توهين هوٽل ۾، توهان جي اچڻ جو فائدو ئي
هڙو؟“

”ٺيڪ آهي، اسين رُڪنداسين نہ، شام جو ئي توکي بہ پاڻ
ان گڏ ڪٽنيءَ وٺي ايندا سين.“

”نہ ڊئڊي، آءٌ نہ هلندس، پڙهائيءَ جو نقصان ٿيندو. توهان
تي اچجو، گهر ڇڱو ڪُشادو اٿن، توهان کي الڳ سان روم
يندا.“

”سو تہ ٺيڪ آهي. ليڪن سورج اسان کي سُڃاڻندو ڪئين؟

ڪافي اچڻ تي سلونيءَ ڪپ کڻي ڪافي سِپ ڪري سورج کان پُڇيو، ”اِڳتي.“

سورج چيس- ”ڪافي ختم ٿيڻ ڏي.“

ڪافي ختم ڪري ڪپ رکي سورج چوڻ شروع ڪيو. ”آءٌ شام جو سنگيتا کي هاسپيٽل مان گهر وٺي ويس. کيس هڪ الڳ ڪمرو ڏنو ويو. مون سنگيتا کان پُڇيو، ”تنهنجي ممي پاپا کي خبر ڪيان؟“

سنگيتا چيو- ”ڪهڙي ضرورت آهي؟ هاڻي آءٌ نيڪ آهيان.“

”ٻُڌائڻ نيڪ رهندو. هڪ تہ تون پوريءَ طرح ٺيڪ نہ آهين. ٻيو تون هاسٽل ۾ نہ منهنجي گهر ۾ آهين. ڪٿي پوءِ خبر پين تہ ناراض ٿيندا.“

”خبر پين تہ ممي پاپا ٻئي ايندا. آيا تہ مونکي ڪٽنيءَ وٺي وڃڻ جو ضد ڪندا.“

”هلي وڃجانءِ، ڪُجهہ ڏينهن ڪٽنيءَ.“

”خوامخواهہ پڙهائي خراب ٿيندي.“

”منع ڪجان وڃڻ کان.“

”تون چئين ٿو تہ لڳايان ٿي فون.“

سنگيتا پيءُ کي موبائيل تان فون لڳائي. ڪال اٽينڊ ٿيڻ تي چيائين- ”پاپا آءٌ سنگي.“

”ڪيئن پُٽ خوش مزي ۾ آهين.“

”نہ پاپا، اڄ صبوح جو ڪلاس ۾ اچانڪ طبيعت خراب ٿي پيئي. منهنجو ڪلاس ميٽ مسٽر سورج چڊا مونکي ٿي. چوئٿرام هاسپيٽل ۾ ائڊمٽ ڪرايو. هاڻي آءٌ نيڪ آهيان.“

”چو پُٽ ڇا ٿيو هوءِ؟“

’’منع نہ ڪندا، خوش ئي ٿيندا.‘‘
’’ممي پاپا اچن تہ آءٌ ممي ءَ کي چوندس. ممي پاپا کي
ندي، مڃي ويا تہ ھِتي ئي رھندس.‘‘
اڳلي ڏينھن سنگيتا ۽ آءٌ سنگيتا جي ماتا پتا کي رسيوَ ڪري
ر وٺي آياسين. سنگيتا کي خوش ڏسي ٻئي خوش ٿيا. اسان
دن جوڳو آدر ستڪار ڪيو. رُڪيا نہ واپسيءَ جي رزرويشن
ر ٻي جي ڪرائي آيا ھئا. ناڪرداس ڪنگراٽيءَ (سنگيتا جو
ءُ) اِسپتال ۾ ٿيل خرچ ڏيڻ چاھيو. ٻڏيءَ وٺڻ کان اِنڪار
ندي چيس- ’’توھان پلي اسان کي غير سمجھو ليڪن اسين
ھان جي نياڻيءَ کي پنھنجو ٻار ٿا سمجھون.‘‘
ناڪرداس ڪُجھہ چوڻ چاھيو. سنگيتا جي ممي ءَ اِشاري سان
ع ڪيس. سنگيتا جي ممي ءَ جي چوڻ تي ناڪرداس وڏيءَ
ڪل سان سنگيتا کي ھاسٽل جي بجاءِ اسان جي گھر ۾ رھڻ
ي اِجازت ڏني. اسين ٻئي سيٺ ناڪرداس ۽ سنگيتا جي ممي ءَ
ي ٽرين تي چڙھي آياسين.
ٻئي ڏينھن کان اسان ٻنھين ڪاليج وڃڻ شروع ڪيو. آرتوار
نھن ھاسٽل وڃي حساب ڪري سنگيتا جو سامان کڻي آياسين.
نگيتا پنھنجي ڪمري ۾ سيٽ ٿي ويئي. زندگي نارمل وي ۾
ڻ لڳي.
مون سوچيو ھو، گڏ رھڻ سان سنگيتا منھنجي قريب اچي
ندي ليڪن اَھڙو ڪُجھہ نہ ٿيو. ھوءَ پنھنجي روٽين لائيف ۾
ڻ لڳي. بنا ضرورت جي، بنا مطلب جي مونسان ڳالھائيندي
نہ ھئي. پنھنجي ڪمري مان نڪرندي بہ گھٽ ھئي.
مون اَھڙو ڪوئي ڪم نٿي ڪرڻ چاھيو جو سنگيتا کي اسان

اسان بہ تہ کیس نہ سُڃاڻون.“

”ڊئڊي، آءٌ بہ سورج سان گڏ ايندس.“

”تون ڪيئن ايندينءَ؟ طبيعت جو نيڪ نہ اٿيِ؟“

”آءِ ايم او ڪي پاپا. اِئين تہ توهان جي اچڻ جي ضرورت نہ آهي ليڪن توهان سان ۽ مميءَ سان ملي خوشي ٿيندي. توهان کي بہ سورج ۽ اُن جي پريوار سان ملي خوشي ٿيندي. ڀلا ماڻهو آهن.“

”نيڪ آ بيٽي، اچڄِ رسيوَ ڪرڻ.“

”باءِ.“

”باءِ.“

سنگيتا فون آف ڪري سورج کان پُڇيو- ”ممي ڊئڊيءَ جي هتي اچڻ سان توهان کي دقت تہ نہ ٿيندي نہ؟“

”دقت ڇو ٿيندي. مونکي خوشي ٿيندي اگر انڪل هاسٽل جي بجاءِ توکي هتي رهڻ جي پرميشن ڏين.“

”ڇا؟“

”ها، هيءُ روم تنهنجي لاءِ رِزَرِوَ ٿي ويندو.“

”گهر ۾ پيئنگہ گيسٽ رکڻ جو اِرادو اٿوَ ڇا؟“

”اِئين ئي سمجهہ.“

”ڇا ڏيڻو پوندو؟“

”لاجنگہ بورڊنگہ جي عيوض تون نيها (سورج جي ننڍي ڀيڻ) کي ٽيوشن ڏجانءِ. پڙهائيءَ ۾ ڪمزور آهي.“

”تون نٿو پڙهائينس؟“

”مونسان نہ پڙهندي.“

”انڪل آنٽيءَ کان پُڇيو اٿيِ؟“

”سنگي ڪرشن جي باري ۾ تہ نٿو ڄاڻان ليڪن ڪي ٿورا ٿي
گھن ٿا، باقي سڀ مرد هرجائي نہ ٿيندا آهن.“
سنگيتا منهنجي اکين ۾ نهاريندي چيو- ”سورج، اسان جي
رنيم ڪنگراٽي آهي ليڪن آءٌ ڪلياٽي سڏائيندي آهيان، خبر
ي چو؟“
”ڇُڏاءِ چو؟“
”منهنجو پنهنجي ماءُ سان گهرو لڳاءُ آهي. منهنجي ماءُ جو
لو ڪلياٽي آهي. مون پنهنجي ماءُ جو نالو پنهنجي نالي سان
وڙيو آهي.“
”ڪلياٽي تہ بينگالي مهلائن جو نالو ٿيندو آهي؟“
”ها، منهنجي ماءُ بينگالي آهي. منهنجي پيءُ منهنجي ماءُ
ان پيار جي شادي ڪئي آهي. ٻئي شانتي نڪيتن ۾ پڙهندا
ئا. گڏ پڙهندي پيار ٿين، پڙهائي پوري ڪري ٻئي شاديءَ
ي ٻنڌن ۾ ٻڌجي ويا. منهنجي ماءُ مونکي سنگي سڏيندي آهي،
ج پهريون دفعو تو مونکي سنگي سڏيو آهي.“
”آءٌ بہ توکي بيحد پيار ڪندو آهيان، اڄتي آءٌ توکي سنگي
ي سڏيندس.“
”سورج، تون مونکي ايترو پيار نہ ڪر، پيار جي منزل شادي
وندي آهي. اگر شادي نہ ٿي تہ اُميدن تي پاڻي ڦري ويندو
هي. زندگي درد بڻجي ويندي آهي.“
”سنگي يقين رک، اسان جي پيار کي ضرور منزل ملندي.“
سنگيتا گُنگُنائڻ لڳي،
”يهان هر ڪسي ڪو مڪمل جهان نهين ملتا،
ڪهين زمين تو، ڪهين آسمان نهين ملتا.“

وٺ رهڻ ڏکيو لڳي ۽ هوءَ واپس هاسٽل ۾ وڃي رهڻ لڳي. منهنجي لاءِ هڪ ئي رستو بچيو هو. ويٽ ائنڊ واچ. (اِنتظار ڪر ۽ ڏسندو رهه.)

وقت پنهنجي چال سان گُذرندو رهيو. موڪل جو ڏينهن هو. سنگيتا منجهند جي روٽي کائي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ليٽي هئي. آءٌ آرام ڪري اُٿيو هوس. شام جو سنگيتا سان گڏ پڪچر ڏسڻ وڃڻ تي چاهيو. آءٌ سنگيتا جي ڪمري ۾ ويس. هوءَ اجا ننڊ جي گهيرٽ ۾ هئي. سنگيتا ننڊ ۾ بڙبڙائي رهي هئي، ”سورج مونکي ايترو پيار نہ ڪر، ڪٿي آءٌ بانوري نہ ٿي وڃان.“

آءٌ اُتان فورن واپس پنهنجي ڪمري ۾ وڃي سوچڻ لڳس- سنگيتا ڪيتري نہ گنڀير آهي! ڇاڪي ٿي آءٌ ڪيس ڪيترو نہ چاهيان ٿو. منهنجو پيار قبول بہ اٿس ليڪن ڪڏهن اُن جو اِظهار نہ ڪيو هيائين. مون سوچيو، هاڻي مونکي ئي پهل ڪرڻي پوندي کُلي ڪري پنهنجي پيار جو اِظهار ڪريان ۽ کائونس بہ قبول ڪرايان.

شام جو پڪچر تي وڃڻ بجاءِ آءٌ سنگيتا سان گڏ اِسڪان مندر ويس. مندر ۾ درشن ڪري ٻاهر ايڪانت جڳهہ تي وڃي ويناسين. مونکي ڳالهائڻ جو موقعو ڏيڻ بجاءِ سنگيتا ڇوڻ شروع ڪيو. ”سورج اسين ڪرشن کي ڀڳوان ٿا مڃون، آدرش ٿا مڃون، ليڪن ڪرشن شادي رُڪمڻيءَ سان ڪئي. پيار راڌا سان. ڇا سڀ مرد هرجائي ٿيندا آهن؟“

آءٌ سنگيتا جو سوال ٻُڌي حيران ٿي ويس. ڪوئي جواب نہ پيو سُجهي. سنگيتا ٽوڪيو- ”چُپ ڇو آهين؟ جواب ڇو نٿو ڏين؟“

''سنگي آءٌ توسان واعدو ٿو ڪريان، تنهنجي ماتا پتا جي
ضيءَ خلاف توکي مون سان شادي ڪرڻ لاءِ مجبور نہ ڪندس.''
''ليڪن شادي ضرور ڪندين.''
''تنهنجي شادي ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ليڪن توکي اِئين ڇو ٿو
ي تہ اسان ٻنهين جي شاديءَ ۾ رُڪاوٽ اچي سگهي ٿي؟''
''سورج، رشتن ناتن کي دؤلت جي ناراضيءَ ۾ توريو ٿو وڃي.
هان بہ امير آهيو، ليڪن توهان جي ۽ ٻڏيءَ جي حيثيت ۾
و فرق آهي. منهنجي ٻڏيءَ جي ڪتنيءَ ۾ دال مِل آهي،
سڻ مِل آهي، سيڪڙو ايڪڙ زمين آهي، اُٽ ڏن دؤلت اٿس.''
''سنگي آءٌ تنهنجي پيءُ جي دؤلت اڳيان پنهنجي خاندان
ي آن بان شان کي جُهڪڻ نہ ڏيندس. هاڻي هلون.''
''هلون ٿا. هڪ دفعو وري درشن ڪرڻ هلون. مون ڪرشن کي
رجائي ٿي سمجهيو، هاڻي پنهنجي اِن خطا لاءِ ڪرشن کان
عافي وٺان.''
سورج سلونيءَ کان پُڇيو، ''هاڻي لنچ بريڪ ڪريون؟''''پلي،
يڪن لنچ هتي ئي گُهرايو.''
ڊرائيور گُهمي ڦري موٽيو. ڏنائين ڪمري جا سڀ دروازا
ليل هئا. روم اندر ويو. بستري جي چادر تي ڪوئي سِل نہ هو.
يٺ ۽ ڇوڪري ٻئي ٻاهر ورانڊي ۾ ويٺا هئا. من ۾ پڇتاءُ ٿيس
ہ خوامخواہ سيٺ جي باري ۾ غلط سوچيائين.
سورج سلونيءَ کان پُڇي رسوئيءَ جو آرڊر ڏنو. ڪُجهہ ئي دير
ويٽر آرڊر سروَ ڪري ويو. کائڻ وقت ٻئي چُپ رهيا. شانتيءَ
ان کائڻ لڳا. رسوئي کائي ختم ڪيائون تہ سُستي چڙهڻ لڳن.
لونيءَ سورج کي چيو، ''ڪُجهہ دير جهپڪي کائي وٺون؟''

”سنگي اَهڙيءَ نااُميديءَ جو اِظهار ڇو ٿي ڪرين؟“

”خبر ناهي دل ڇو بي‌ايمان ٿي پيئي آهي. اگر اسان جي شادي نہ ٿي سگهي تہ؟“

”تہ آءٌ تاعمر شاديٴ نہ ڪندس.“

”سورج، اَهڙو ڪنور فيصلو نہ ڪر. نہ ڀُلج تہ تون فقط پريميءَ نہ آهين، پنهنجي گهر جو چراغ پڻ آهين، تنهنجي ماتا پتا تومان ڪي آسون اُميدون رکيون هونديون، ڪي سپنا سنجويا هوندا تون سندن سپنن کي ساڪار ڪجانءِ. تون شادي ضرور ڪجانءِ.“

”سنگي، تنهنجي سوال جو جواب ملي ويو. ڪرشن هرجائي نہ هو. راڌا ڪرشن جي نندڀڻ جي سکي هئي. ٻنهين ۾ اٽوٽ پيار هو. رُڪمڻي ڪرشن جي زندگيءَ ۾ پوءِ آئي هئي. راڌا ئي ڪرشن کي رُڪمڻيءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هوندو. ڪرشن رُڪمڻيءَ سان شادي تہ ڪئي پر راڌا جو ڪرشن سان پيار قائم رهيو. مهاڪوي سورداس پنهنجي سُر ساگر ۾ راڌا جي ڪرشن سان پيار کي امر ڪري ڇڏيو. يُگ گُذرڻ کان پوءِ بہ راڌا ڪرشن جو پيار هڪ مثال آهي. ڪرشن کان اڳہ راڌا جو نالو ورتو ويندو آهي.“

”هرڪنهن پريميءَ کي ڪوئي مهاڪوي نہ ملندو آهي.“

”سنگي، خبر ناهي تنهنجو سوچ ڇو نگيٽوَ (نڪاراتمڪ) آهي. مونکي پورو يقين آهي اسان جو ملن ضرور ٿيندو.“

”هڪ ڳالهہ ياد رکجانءِ، اگر منهنجي ماتا پتا يا ٻنهين مان ڪوبہ هڪ اسان ٻنهين جي شاديءَ خلاف هوندو تہ آءٌ نہ ضد ڪندس ۽ نہ بغاوت.“

گہ جي پرسان ڪُرسي لڳائي ويهي قدرت جي سوُنهن کي
ڻ لڳو.
ڏ ڪلاڪ ڪانپوءِ سلوني ٻاهر آئي. ويٽر کي چانهہ جو آرڊر
ي پاڻ بہ ڪُرسي سورج جي پرسان لڳائي اچي ويٺي. ويٽر
ن پرسان ٽيبل لڳائي چانهہ سروَ ڪري ويو. سلونيءَ هڪ ڪپ
ج کي ڏنو، ٻيو ڪپ کڻي چانهہ سِپ ڪري چيائين- ”هاڻي
ع تي وڃ.“
ورج وڏيڪ ڪُجهہ ٻُڌائڻ لاءِ انمنو هو. سلونيءَ کي چيائين،
ڪال ايترو. تون پنهنجي باري ۾ ٻُڌاءِ.“
لونيءَ آهہ ڀري چيس- ”پنهنجي باري ۾ ڇا ٻُڌايانءِ. سانورو
پنهنجو پاڻ ۾ هڪ لعنت آهي، اِها لعنت مون سان چُنبڙيل
.“
اِئين ڇو ٿي چئين؟“
سچائيءَ کان ڪهڙو مُنهن موڙڻو.“
يبرورِيءَ جو مهنو هو. ڪُليل پهاڙي جڳهہ هئي. ٿڌ پنهنجو
ڏيکارڻ شروع ڪيو. ٻنهين کي اِن جو اندازو نہ هو. گرم ڪپڙا
ہ پائي آيا هئا، نہ ئي کڻي آيا هئا. سوچيائون ٿڌ تہ وڌندي
ي، هلڻ گهرجي.
ورج رسپشن تي وڃي حساب ڪري آيو. ڊرائيور جي موبائيل
فون لڳايائين. ڊرائيور ڪار جي پرسان ئي مؤجود هو. سلونيءَ
وڃي چيائين- ”ڊرائيور ڪار وٽ ئي مؤجود آهي. واپس ٿا
ن.“
لونيءَ افسوس ظاهر ڪندي چيو- ”ايترو پري اچڻ ڪان پوءِ
الهہ ٻولهہ اَڌوري ئي رهجي ويئي. هاڻي هڪڙو ڪم ڪريو،

سورج چيس، ”تہ پوءِ رات هتي رُڪٽو پوندو.“

”رُڪنداسين تہ نہ، هتان دير شام جو نڪرنداسين.“

”تہ پوءِ هڪ ٻيو روم ڪولايان؟“

”ڪهڙي ضرورت آهي. ڪوئي قيمتي سامان تہ آهي نہ، دروازا کُليا پيا هجن. هڪ طرف تون سُمهہ، هڪ طرف آءٌ ٿي سُمهان.“

سورج من ۾ سوچيو، سڀ کان قيمتي سامان تہ آهي عزت آبرو. ماڻهو بدنام ڪرڻ ۾ دير نہ ڪندا آهن.

سلونيءَ ٽوڪيس- ”ڇا ٿو سوچين؟“

”ڪُجهہ نہ، هل.“

ٻئي وراندي مان اُٿي ڪمري ۾ ويا. سورج سلونيءَ کي چيو- ”تون هڪ ڪُنڊ وٺي سُمهہ آءٌ ٿوري دير بعد ليٽان ٿو.“

سلونيءَ جي دير سان اُٿڻ جي عادت هئي، اُن ڏينهن جلد اُٿي هئي. بستري تي ليٽڻ سان ننڊ اچي ويس. ننڊ تہ سورج کي بہ اچي رهي هئي پر مريادا ۾ رهڻ پيو چاهي. پلنگہ جي ٻئي طرف وچي ڪُرسي سوري، ڪُرسيءَ تي ويهي ٽنگون پلنگہ تي ڦهلائي اکيون ٻوٽيائين. اکيون ٻوٽيندي ئي سنگيءَ جو چهرو ذهن ۾ اُڀري آيس. من ۾ پڇتاءُ ٿيڻ لڳس تہ پنهنجا سوُر ڇو اجنبي ڇوڪريءَ سان سليائين.

ڦيريائين سورج جي اک کُلي. ڇرڪُ ڀري اُٿيو. شام ٿي چُڪي هئي. سلوني اڃا گهريءَ ننڊ ۾ سُتي پيئي هئي. سورج واش بيسن ۾ وڃي مُنهن ڌوتو. مُنهن اُگهي روم ۾ اچي بسلريءَ جي بوتل مان گلاس پاڻي ڀري پيتائين.

سورج سلونيءَ جي جاڳڻ جو اِنتظار ڪرڻ لڳو. ٻاهر وڃي

ي تي، مون ڏيري-ڌيري ڊئڊيءَ کي دُڪان جي ڊيوٽيءَ کان
غ ڪري ڇڏيو آ.“
”مطلب ڄاڻ اٿن. ضرورت پوڻ تي وري دُڪان سنڀالي سگهن
“
”ڇو ٿي پڇين؟“
”ڪڏهن توکي هڪ ٻه ڏينهن ڇُٽي ڪرڻي پوي ته انڪل
ڪان سنڀالي وٺندا نه؟“
”پر ٻه مونکي ڇُٽي ڪرڻ جي ضرورت ڇو پوندي؟“
”آءٌ جلد مُمبئيءَ وڃڻ واري آهيان. چاهيان ٿي وڃڻ کان اڳ
هنجي داستان ٻُڌي وٺان. پنهنجي باري ۾ ٻُڌائي وڃان.“
”هميشه لاءِ ويندينءَ؟“
”لنبي وقت لاءِ.“
”ته پوءِ پهريائين پنهنجي باري ۾ ٻُڌاءِ.“
”تنهنجي پوري ڪهاڻي نه ٻُڌندس ته من ۾ اُڻتڻ رهندي.
هنجي باري ۾ ٻُڌائڻ ۾ اٽڪ ٿيندي. سلسليوار ٻُڌائي نه
هندس. فلحال ايترو ته منهنجي ڊئڊيءَ جو نالو وشنداس رتنا
ي.“
”وشنداس رتنا، شيئر مارڪيٽ جو ڪنگ؟ جنهن جي خريديءَ
ي شيئرس جي قيمت ۾ واڌ ايندي آهي. وڪڻڻ سان قيمت
گراوٽ. شيئر مارڪيٽ جي دلالن جي ٻه سيٺ وشنداس جي
يد فروخت تي نظر رهندي آهي؟“
”ها اُهي ئي وشنداس رتنا منهنجا ڊئڊي آهن.“
”توکي ڏسي لڳندو نه آهي ته تون اربپتيءَ جي ڌيءُ آهين.
ا ڪاٽن ڪپڙا، ڪوئي ميڪ اپ نه. تن تي ڪوئي زيور نه.“

هڪ ٻئي جا ڪانٽئڪٽ نمبر سيوَ ڪري ٿا وٺون. ايندڙ مُلاقات لاءِ ڪانٽئڪٽ ڪري وٺنداسين.''

ٻنهين هڪ ٻئي کي پنهنجو پنهنجو موبائيل نمبر ڏنو. ڪار ۾ سوار ٿي موٽ ڪاڏائون.

سورج سلونيءَ کي سندس گهر ڇڏي پنهنجي گهر روانو ٿيو.

سورج سوچڻ لڳو، ناحق هِڪَ اجنبي ڇوڪريءَ سان پنهنجا سوُر سليا. جيڪي ٿيو ٿيو، هاڻي وڌيڪ بلڪل نه. وري سوچ پلٽو کاڌس. سوچڻ لڳو، سلونيءَ اِئين ڇو چيو ته سانورو رنگ پنهنجو پاڻ ۾ هڪ لعنت آهي. اِها لعنت مونسان به جُڙيل آهي. لڳي ٿو سلوني به دل ۾ ڪي سوُر سانڍي ويٺي آهي. آءٌ ايترو خودغرض ڇو آهيان؟ سلونيءَ منهنجا ڏُک درد ونڊيا. آءٌ نه ونڊيان؟ اِئين ڪيئن ٿيندو؟ خير اڃا 6 ڏينهن آهن. ڏسي وٺنداسين.

هِڪُ هِڪُ ڪري 6 ڏينهن گُذري ويا. سورج ڊرائيور سان گڏ ڪار ۾ دُڪان تي وڃي رهيو هو. موبائيل جو رنگ ٽون وڳس، ڏٺائين ته سلونيءَ جو ڪال هو. گرين بٽڻ دٻائي چيائين- ''چئه سلوني، ڪيئن فون ڪئي اٿئي؟''

''سورج، مون ڊرائيور جو اِنتظام ڪيو آهي. تون ڊرائيور کي منع ڪجانءِ ته وٺڻ نه اچئي. آءٌ توکي ڊراپ ڪندس. ٻي بجي ڪافي هائوس ۾ ٿا ملون.'

''ٺيڪ آهي'' چئي سورج موبائيل سوَچ آف ڪيو.

ٻه ڏهه تي سورج ڪافي هائوس پهتو. سلوني سندس اِنتظار ڪري رهي هئي. سورج وڃي خالي ڪُرسيءَ تي ويٺو. سلونيءَ پُڇيس- ''تنهنجا ڊئڊي دُڪان تي بلڪل نه ويندا آهن؟''

''اڳي ته پورو وقت ويندا هئا. جيئن ئي منهنجي پڙهائي

لوني ۽ چيس- ”اڳتي وڌ.“
’هاڻي گهڻي دير ويهي نہ سگهنداسين.“
”اڌوري ڳالهہ تہ پوري ڪر.“
’مون چيو تہ گهر وڃي ڀرپور ننڊ ڪرڻ جو اِرادو هو، پيپر
ي گهر پهچي پنهنجي روم ۾ ويس. سُمهڻ جو سوچي ئي
و هوس تہ سنگيتا آئي، ڳلي ۾ ٻانهون وجهي منهنجي سيني
نهن لڪائي روئڻ لڳي. مون ڪُجهہ چوڻ چاهيو. سنگيءَ چيو-
ڪ توڪ نہ روئي من هلڪو ڪرڻ ڏي.
اءِ سندس مٿي ۽ پُٺيءَ تي هٿ ڦيريندو رهيس. منهنجي دل
دونهون بہ ڀگهرجي اکين مان ٻاهر نڪرڻ لڳو. جڏهن سنگيءَ
روئي من هلڪو ٿيو تہ مُنهن مٿي ڪري پنهنجا آنسون
ياڻين. پنهنجي ڊُپٽي جي ڪُنڊ سان منهنجا آنسون اُگهي،
ياڻين- ”تون ڇو ٿو روئين؟“
جواب ڏيڻ بجاءِ مون پُڇيومانس- ”سنگي، تنهنجي ممي
ڊيءَ بہ تہ لو مئريج ڪئي هئي نہ؟ پوءِ اسانجي لاءِ رُڪاوٽ
بڻيا؟“
”اُهو وقت ٻيو هو، اُن وقت ڊئڊيءَ جا ڪُجهہ اصول هئا،
رش هئا، زندگيءَ جي باري ۾ سوچ ويچار الڳ هو.“
”هاڻي ويچار الڳ ڇو اٿن؟“
”ممي ۽ جا نہ، ڊئڊيءَ جا. سورج توکي خبر آهي، لڇميءَ جي
ري ڇا تي هوندي آهي؟“
”چوندا آهن، اُلوءَ تي.“
”لڇمي جڏهن سر تي سوار ٿيندي آهي تہ اِنسان جو مٿو
ي ويندو آهي. دماغ ۾ غرور اچي ويندو اٿس. پاڻ کي

”مونکي سادگي پسند آهي.“

ويٽر اچي آرڊر وٺي ويو. سلونيءَ چيس، ”هاڻي شروع ٿي وڃ.“

اسين ٻئي پنهنجي پڙهائيءَ ۾ لڳي وياسين. آخري سيمسٽر ۾ فقط ٻہ مهنا باقي هئا، ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو هوس- ٻي مهني ڪانپوءِ سنگيتا هميشهہ لاءِ هلي ويندي. سوچي من اُچاٽ ٿي ويندو هو. سنگي پنهنجي من کي پڙدي ۾ رکندي هئي. حالانڪ آءٌ سندس منوڀاون کي محسوس ڪندو هوس. ڏينهن ڪٽبا ويا. دل-و-دماغ تي بوجهہ وڌندو ويو. هڪ پڙهائيءَ جو ٽينشن، ٻيو سنگيتا سان وڇڙڻ جو ٽينشن. وڏيءَ مُشڪل سان من کي وس ۾ رکٽو ٿي پيو. اُن لاءِ مون هڪ اُپاءُ سوچيو، سنگيتا سان گڏ پڙهڻ شروع ڪيو. سنگيتا سامهون هوندي هئي تہ من ڀٽڪندو نہ هو.

منهنجي ماءُ من ۾ هڪ ٻيو ئي سپنو سنجوئي رهي هئي. هوءَ سنگيءَ کي ننهن جي روپ ۾ ڏسڻ لڳي هئي. چاهي پيئي سنگيتا هميشهہ لاءِ هن گهر ۾ اچي. اِن باري ۾ مميءَ ڊئڊيءَ سان بہ ذڪر ڪيو هو. ڊئڊيءَ چيو هيس، وقت اچڻ تي ڏسي وٺنداسين.

آخر اِمتحان سِر تي اچي ويو. دير رات تائين تياري ڪرڻ لڳاسين. ڪائي ڪسر ڇڏڻ نہ پيا چاهيون. نہ فقط پاس ٿيڻو هو، بلڪ رئنڪ نہ تہ فرسٽ ڊويزن تہ ضرور آڻڻي هئي.

اِمتحان شروع ٿيو. هلندو رهيو آخري پيپر هو. سوچيو هيم پيپر ڏئي گهر وڃي ڀرپور ننڊ ڪندس.

ويٽر آرڊر سروَ ڪري ويو. ڳالهہ ٻولهہ ۾ رُڪاوٽ پئجي وين. ٻئي کائڻ ۾ لڳي ويا. کائڻ کان فارغ ٿي، هٿون هٿ ڪافي گهرائي پيتائون.

يوار سان گڏ رهندو آهي. ضرورت تہ نہ آهي ليڪن دنياداري
مالهيءَ جي زال کي پاڻ سان گڏ رهائيندس. مگر تون ڇو ٿو
ڇين؟''

اِنڪري تہ واپس اچي وري ٻئي ڏينهن هلڻ مون لاءِ مشڪل
ندو. ٻن ڏينهن جي تياريءَ سان هلي پلي ساڳئي ڏينهن موٽي
ون تہ هرج نہ آهي.''

''ڪوشش ڪندس تہ ٻن ڏينهن لاءِ هلون.''

''ڪڏهن هلڻو آهي؟''

''ڏڏيءَ کان پُڇي فون ڪري ٻُڌائينديسانءِ. هاڻي هلون؟''

''هل.''

ڊرائيور پارڪنگ ۾ اِنتظار ڪري رهيو هو. ٻئي ڪار ۾ سوار
روانا ٿيا.

سلونيءَ ڊرائيور کي پهريائين منيشپوريءَ هلڻ لاءِ چيو. سورج
منيشپوريءَ ڇڏي موٽ ڪاڏائون. سلونيءَ کي گهر ڇڏي ڪار
چابي ڏيئي ڊرائيور پنهنجي بائڪ تي گهر روانو ٿيو.

سلونيءَ پيءُ کان پُڇيو- ''ڏڏي، توهان جي دوست جو فارم
ئوس ٻن ڏينهن لاءِ ملي سگهي ٿو؟''

''ڇنڇر آرتوار ڇڏي باقي ڏينهن تي ملي سگهي ٿو.''

''مونکي.''

''تون بہ ڏينهن اُتي رهي ڇا ڪندينءَ؟''

''ڏڏي، آءٌ اڪيلي نہ ويندس، مونسان منهنجو دوست
ندو.''

''دوست سان گڏ اڪيلي اُتي رهندينءَ؟''

''رات جو مالهيءَ جي گهرواريءَ کي پاڻ سان گڏ رهائيندس.''

باحيثيت سمجهندو آهي. پاڻ کان گهٽ حيثيت وارن کي حقارت جي نظر سان ڏسندو آهي. رشتن ناتن کي بہ دؤلت جي تارازيءَ ۾ توريندو آهي. بجان تي ڊئڊي اسان جي رشتي کي بہ دؤلت جي تارازيءَ ۾ نہ تورن.''

''ان حالت ۾ تون ڇا ڪندينءَ؟''

''هي تہ من ماتا پتا جي دين آهي. اُنهن کي اختيار آهي، ڪُجهہ بہ فيصلو ڪن. تون مون سان واعدو ڪر تہ پنهنجي ماتا پتا جي خوشيءَ خاطر شادي ضرور ڪجانءِ.''

''ڪندس تنهنجي شادي تي وڃڻ ڪانپوءِ. جنهن ڏينهن تنهنجي شادي تي تہ فون ڪجانءِ، توکي شاديءَ جي واڌائي ۽ شبي ڪامنائون ڏيندس.''

سنگيتا ملول مُنهن سان پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويئي. منهنجي نيڻن جي ننڊ ڪافور ڪري ويئي.

ويتر بل ڪٽي آيو. بل ڏيئي ٻاهر نڪتاسين. مون سلونيءَ کان پُڇيو، ''تو دڪان نان چُنڻي ڪرڻ لاءِ تي پُڇيو؟''

''منهنجي ڊئڊيءَ جي دوست جو فارم هائوس آهي، اُتي هلي سڀو ڏينهن حال اوريندا سين. ضرورت پيئي تہ ٻئي ڏينهن تي بہ اُتي هلي حالي-احوالي ٿيندا سين.''

''تنهنجا ڊئڊي توکي اِجازت ڏيندا اڪيلي مون سان هلي فارم هائوس تي وقت گذار؟''

''ڊئڊيءَ کي مون تي ڀروسو آهي.''

''اگر رات اُتي رڪڻو پوي ۽ ٻئي ڏينهن شام جو موٽڻو پوي تہ؟''

''اُتي رُڪڻو پوي تہ هڪ کان وڌيڪ روم آهن. مالهي اُتي

”بيفڪر ٿي وڃ. دُڪان جي چنتا نه ڪر.“
”ٿئنڪس ڊئڊ.“
ٻُڌر صبوح جو سورج سلونيءَ جي گهر پهتو. سلونيءَ پنهنجي
ا-پتا سان سندس واقفيت ڪرائي. سورج سان گڏ نيرن ڪائي
هنجي بئگ ۽ ٻئي ضروري سامان سان گڏ ڪار ۾ روزيز گارڊن
رم هائوس لاءِ رواني ٿي.
فارم هائوس ڪنڊوا روڊ تي اِنڊور کان 18 ڪلوميٽر جي فاصلي
ي هو. فارم هائوس پهچي گيٽ وٽ رُڪي ڊرائيور هارن وڄايو.
لهيءَ اچي گيٽ کوليو. ڊرائيور ڪار وچي بلڊنگ جي گيٽ
ٽ روڪي. مالهيءَ جو چوڪيدار پڻ هو. ڊوڙي اچي روم جو
يٽ کوليو. سورج ۽ سلوني ڪار مان لٿا. مالهيءَ ٻنهين کي سلام
يو. ڊرائيور سامان لاهي هيٺ رکيو. مالهي سامان کڻي ڪمري
اندر ويو. ڊرائيور سلونيءَ کان پُڇيو، ”آءٌ رُڪان؟“
سلونيءَ چيس، ”ضرروت ناهين، جڏهن ضرورت پيئي ته
ن ڪري اچڻ لاءِ چونديسانءِ.“
ڊرائيور موڪلائي هليو ويو. ٻنهين اندر وڃي ڪمري جو جائزو
رتو. ڪمري جي صفائي ٿيل هئي، بستري تي بيڊ شيٽ ۽ پلو
ور به صاف سُترا لڳل هئا. ڪمري ۾ هڪ الماڙي، ٻه ڪُرسيون
سائيڊ ٽيبل هئي. مالهيءَ ٻنهين جا بئگ الماڙيءَ ۾ رکيا.
لونيءَ مٺائي، بسڪيٽ، نمڪين ڪڍي باقي سامان مالهيءَ کي
چن ۾ کڻي وڃڻ لاءِ چيو. مالهيءَ چيس، ”ميم صاحب ڪاهي
ڪليف ڪئي؟ يهان هر چيز مؤجود هئه. دوپهر ۾ ويڄ کائينگي،
نان ويڄ.“
سورج چيس ته ”ويڄ.“

”پر ڇو اَهڙي ڪهڙي ضرورت پيئي اٿئي وڃڻ جي؟“

”ڏئڏي آءٌ هڪ ناول لکڻ ٿي چاهيان اُن باري ۾ اُن سان ڊسڪس ڪرڻ ٿي چاهيان.“

”ڪڏهن کان لکڻ شروع ڪيو اٿئي؟“

”هيءَ منهنجي پهرين ڪوشش آهي.“

”تون گهر ۾، پنهنجي ڪمري ۾ يا اِسٽڊيءَ ۾ ڇو نه ڊسڪس ڪري سگهين ٿي؟“

”ڏئڏي هِتي ايڪانت نه ملندي.“

”رميش جو فون اچي ته؟“

”موبائيل مون وٽ ساڻ هوندي.“

”ڪڏهن ٿا وڃڻ چاهيو؟“

”ٻُڌر-وسپت.“

”ٺيڪ آهي. آءٌ ڪشوريلال کي چئي ٿو ڇڏيان.“

سلونيءَ فون ڪري سورج کي ٻُڌايو ته ٻُڌر - وسپت ٻن ڏينهن لاءِ فارم هائوس تي هلڻو آهي. ٻُڌر صبوح جو سويل اُٿي وڃجانءِ. گهران نيرن کائي هليا هلنداسين.

”چوان ٿو ڏئڏيءَ کي، ٻه ڏينهن دُڪان سنڀاليندا.“

سورج پيءُ وٽ وڃي چيس، ”ڏئڏي توهان ٻه ڏينهن دُڪان سنڀاليندا؟“

هوندراج پُڇيس، ”ڇو پُٽ طبيعت ته ٺيڪ اٿِي نه؟“

”ڏئڏي طبيعت بلڪل ٺيڪ آهي، ٻن ڏينهن لاءِ ٻاهر وڃڻ ٿو چاهيان.“

”ڀلي وڃ، آءٌ دُڪان سنڀاليندس، ڪڏهن ويندين؟“

”ٻُڌر صبوح جو.“

’’جو آئيا‘‘ چئي مالهي هليو ويو. سلونيءَ سورج کي چيو، ’’ٿي
شروع.‘‘
ٻئي ڏينهن صبوح جو سنگيتا جا ممي ڊئڊي آيا. آءٌ کين
ٽيشن تان گهر وٺي آيس. رات جو ئي کين اِندور هاوڙا
ڪسپريس ۾ واپس وڃڻو هو. سنگيتا پنهنجو سامان پئڪ ڪري
ي ڇڏيو هو.
سڄو ڏينهن سُٺي ماحول ۾ گُذريو. رات جي رسوئي بہ سيني
جي ڪاڏيسين. اجا ٽرين جي وڃڻ ۾ ڪافي دير هئي. ڊئڊيءَ
ڪرداس کي چيو، ’’اِجازت ڏيو تہ ڪُجهہ عرض ڪرڻ ٿو
هيان.‘‘
ناڪرداس چيس، ’’اِجازت جي ڪهڙي ضرورت آهي؟
ڪي چوڻو اٿوَ چئي ڏيو.‘‘
’’سيٺ صاحب توهان اگر سورج کي سنگيتا بيٽيءَ جي لائق
ڄهو تہ سندن رشتو جوڙيون.‘‘
ناڪرداس ڊئڊيءَ جي چهري کي ڪُجهہ دير تڪيندو رهيو.
ءِ گنڀير ٿي چيائين- ’’سيٺ هوندراج، مڃان ٿو، توهان جا اسان
ي لکہ ٿورا آهن. اِهو بہ مڃان ٿو تہ توهان خانداني ۽ پريا ڀاڳا
يو، ليڪن رشتو برابريءَ وارن ۾ جوڙڻ ئي سُٺو لڳندو آهي.‘‘
ي سڀ سُڻ ٿي ويا. سنگيتا کي جيڪي انديشو هو سو سچ ثابت
و. مون بيعزتيءَ جي وِهہ جو ڍُڪ پيئي کيس چيو، ’’سيٺ
حب، توهان دُرست ٿا فرمايو. رشتو برابريءَ وارن ۾ ئي سُهندو
ي. لکہ ٿورا تہ توهان جا آهن جو سنگيتا کي هِتي رهڻ جي
ازت ڏنوَ. توهان جي امانت توهانجي حوالي آهي. توهان
ين چاڻو آءٌ هاڻي سنگيتا کي فون بہ نہ ڪندس. جڏهن سنگيتا

”جو کانا ھو بنا دینا، بنا دونگا. سبزیان اپني کیت ۾ ھيِ اُگي ھئن.“

سلونيءَ چيس- ”دو ڪُرسيان باغيچي ۾ لگا دو، ھم ايِي باھر باغيچي ۾ بئٺينگي.“

”ميم صاحب، باغيچي ۾ ڪُرسيان پيِي ھئن، جهولا پيِي ھئہ جهان بئٺنا چاھين بئٺين. مئن چايہ بنا ڪر لاتا ھون.“

ٻنهين ٻاھر نڪري فارم هائوس جو جائزو ورتو. پري پري تائين ٻني هئي جنهن ۾ ڪڻڪ پوکيل هئي. هڪ طرف سبزين جي ٻاري هئي. هڪ وڏو اونهو کوهہ هو، کوهہ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ موٽر لڳل هئي. سڄو فارم ڦلدار وڻن سان ڇانيل هو. هڪ طرف مالهيءَ جو جهوپڙو هو، جهوپڙيءَ جي ٻاهر شيڊ ۾ وڇڙي سميت هڪ ڳانءِ ٻڌل بيٺي هئي. هائوس جي لڳ باغيچو هو، باغيچي ۾ طرح طرح جا گُلاب جا گُل ٽڙيا پيا هئا. هڪ طرف جهولو موجود هو. ٻئي طرف وڏيءَ ڇتيءَ سان ڍڪيل جڳهہ تي هڪ ننڍي ٽيبل ۽ ٻہ ڪُرسيون پيون هيون. ڪشوريلال فارم هائوس طبيعت سان نهرايو هو.

سلوني ۽ سورج وڃي ڪُرسين تي ويٺا. ٿوريءَ دير ۾ مالهي هڪ ٽري ۾ ٻہ ڪپ چانهہ کڻي آيو. ٻئي هڪ-هڪ ڪپ کڻي چانهہ چُسڪڻ لڳا. مالي ادب سان بيٺو رهيو. ٻنهين چانهہ پي ڪپ ٽري ۾ رکيا. مالهيءَ پُڇيس، ”سرڪار دوپهر ۾ کيا کائينگي؟“

سلونيءَ چيس، ”سبزي ۾ کيا کيا هئہ؟“

”سيي ڪُڇ هئہ، آپ جو بولوگي بن جائيگا.“

”بينگن کان ڀرتا اؤر آلوُ فراءِ اؤر ڦلڪي بنانا.“

ن. اِنهن سيني شهرن جا لڳ ڀڳا پا ڪتنيءَ وارن سان آهن. هڪ
ئو رائپور مان آيو، ڇوڪرو اِنجنيئر هو، سندن پنهنجي
سٽرڪشن ڪمپني هئي، راڄڌاني رائپور ڪي اڏڻ ۾ سندن
يومڪا رهي آهي.

پارٽي ڪيٽري ٻہ ناليري ڇو نہ هجي تہ بہ هرڪو جاچ ڪري
ٽري ڪرڻ چاهيندو آهي. اُنهن پنهنجي قريبيءَ کان ڊئڊيءَ
باري ۾ پُڇيو. خبر نہ آهي اُهو ڪير هو، رائپور وارن ڪي
ائين، پارٽي تہ جبري آهي پر...''

''پر ڇا؟''

''ڇوڪري اِنڊور ۾ ٻہ سال پنهنجي دوست جي گهر ۾ رهي
آهي. ايترو ٻُڌڻ کانپوءِ رائپور وارن وٽان نہ جي نہ ڦوٽ،
وئي جواب نہ مليو. وچ واري مان خبر پيئي تہ ڪتنيءَ واري
نهن اُفواهہ ڦهلائي مونکي بدنام ڪيو آهي. ڊئڊيءَ غصو مميءَ
ڪڍيو. اُن جي چوڻ تي مونکي توهان جي گهر رهڻ ڏنو
ائون. هاڻي حالت اِها آهي جيڪو رشتو اچي ٿو، اُن سان گڏ
امي وڌندي ٿي وڃي. ڊئڊي پريشان آهن.''

''سنگي ماڻهو ايڏا بيمروت ڇو آهن؟''

''شايد اِنڪري جيئن آءٌ توکي ملان.''

''سنگي مون ڪڏهن بہ نہ سوچيو هو تہ منهنجي ڪري
نهنجي بدنامي ٿيندي.''

''سورج لوڪ آهي ٻوڪ، ڪنهن جو ٻوٽ ٻَڌي سگهبو آ؟''

''سنگي، تون منهنجي طرفان پنهنجي ممي پاپا کي ساري
جانءِ.''

''منهنجا ممي پاپا تنهنجا ڪُجهہ نہ لڳن؟''

جي شادي ٿئي نہ ٻڌائجو، آءٌ ڪيس واڌايون ۽ شُڀ ڪامنائون ڏيندس.''

اُن ڪانپوءِ ڪنهن بہ ڪُجهہ نہ ڪُڇيو. سنگيتا جي چهري تي اُداسي ڇانيل هئي. منهنجي دل کي ويران ڪري مايوُس من سان سنگيتا پنهنجي گهر هلي ويئي.''

''بس؟''

''اڃا گهڻو ڪُجهہ آهي. ٻہ مهنا گُذري ويا. مون پاڻ کي بزي رکڻ لاءِ دُڪان تي وڃڻ شروع ڪيو ليڪن رات ڪروٽون بدلي گُذرندي هئي. سنگيتا سان گڏ گذاريل هڪ هڪ پل ذهن ۾ اُڀري ايندو هو.

هڪ ڏينهن سنگيتا جي فون آئي. دل جي ڌڙڪن بيهندي محسوس ٿي. لڳي پيو سنگيتا جي شادي ٿي ويئي آهي. اِهو اطلاع ڏيڻ لاءِ فون ڪئي اٿائين. مون گُهٽيل آواز ۾ چيم، ''هيلو؟''

سنگيتا چيو، ''آواز کي ڇا ٿيو اَٿي؟''

مون پاڻ سنڀالي چيومانس، ''ٺيڪ آهي.''

''ڪهڙو حال اٿِي؟''

''تون بهار پاڻ سان گڏ کڻي وئينءَ، هاڻي خزان جو دؤر هلي رهيو آهي. ٿي ويئہ شادي؟''

''نہ، ڪٿي ٿي آهي.''

ٻُڌي منهنجي ٻُڏندڙ دل کي قرار اچي ويو. پُڇيومانس، ''ڇو اڃا؟''

سنگيتا چيو- ''ڇوڪري آهي، مُلان جي ڍُڪ مسجد تائين. ڪٽنيءَ جي اميرن جي ڍُڪ رائپور، بلاسپور، ريوا، ستنا، جبلپور اِندور ۽ ڀوپال تائين. جتي سندن جي مقابلي جون پارٽيون رهن

سورج پڇيس، ”رات رُڪڻ جو اِرادو اٿيِ؟“

”ها سورج، هن فارم هائوس جهڙيءَ شانت ايڪانت جڳهه تي
ترو وقت گُذارجي ٿورو آ.“

مالهي روم کولي بسترو ٺيڪ ڪري پاڻيءَ جو جڳ، گلاس رکي
و. سلوني پنهنجي روم ۾ هلي ويئي. سورج پهرئين واري
مري ۾. ٻه-ٽي ڪلاڪ ننڊ ڪري وري ٻاهر اچي باغيچي ۾
نا. مالهي هڪ ٽري ۾ پاڻيءَ جا گلاس رکي ويو. ٿوريءَ دير ۾
نهه رکي ويو. ٻئي چانهه پيئڻ لڳا. مالهي اُتي بيٺو رهيو. ٻنهين
نهه پيِ ڪپ رکيا. مالهيءَ پُڇين، ”صاحب رات کو کيا
ئينگي؟“

سلونيءَ سورج ڏانهن نهاريو. سورج چيس، ”دال چاول.“

”اؤر؟“

سلونيءَ چيس، ”ڀينڊي فراءِ ڪرنا.“

”سرڪار، رات کو ڊرنڪ ڪرينگي؟“

ٻنهين چيس ”نهين، بلڪل نهين.“

مالهي خالي گلاس ۽ ڪپ ٽري ۾ رکي ڪٺي هليو ويو.

سلونيءَ چيس- ”سورج پاڻ وٽ ڀرپور ٽائيم آهي. دير رات
ئين ٻه جاڳنداسين. اُميد ٿي ڪريان اڄ تنهنجي داستان پوري
ٿ ويندي.“

”تون سُياڻي پنهنجي داستان پوري ٻُڌائي سگهندينءَ؟“

مونکي ٻُڌائڻ لاءِ گهڻو ڪُجهه نه آهي. ٻُڌائي ونندس. هاڻي
وع ٿي وڄ.“

اُن گهڻنا جي ڪُجهه ڏينهن کان پوءِ سنگيتا جو فون آيو.
ائين، ”هاڻي ڊئڊيءَ کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو

”فلحال تہ نہ. پنهنجو خيال رکجانءِ. مالڪ کي عرض ٿو ڪريان تہ جلد تنهنجو ڪارج راس ٿئي.“

”دُعا ٿو ڏين يا بددُعا.“

مون آهہ ڀري موبائيل ڊسڪنيڪٽ ڪري ڇڏيو.

”پوءِ ڇا ٿيو؟“

”هڪ مهنو ٻيو گُذري ويو. سنگيتا جو فون نہ آيو. اِن وچ ۾ ڪٽنيءَ ۾ هڪ گهٽنا گهٽي. هڪ امير پريوار جي سنڌي ڇوڪري گهران لڪين رُپيا نقد ۽ سونا زيور کڻي گهران ڀڄي ويئي. ڇوڪريءَ جو پيءُ رسوخ وارو هو. فورن پوليس حرڪت ۾ آئي. ڪٽنيءَ کان ٻاهر ويندڙ روڊ رستن تي ۽ ريلوي اِستيشن تي چوڪسي رکي ويئي. آخر ڇوڪري ۽ نؤڪر ڪلڪتي ميل ۾ الله‌آباد اِستيشن تي پڪڙجي پيا. پوليس ٻنهين کي پڪڙي ڪٽنيءَ وني آئي. ڇوڪريءَ کي مائٽن جي حوالي ڪيائون. نؤڪر کي چوري ۽ ڇوڪريءَ کي اغوا ڪرڻ جي ڏارا ۾ بند ڪري هڏگڏ ڀڃي ڇڏيائونس. ڇوڪريءَ جي دماغ جي هوا گهر وارن ڪڍي ڇڏي.“

”اِها خبر سنگيتا ٻڌايئہ؟“

”نہ، اخبار ۾ ڇپي هئي. ٻيو ڪٽنيءَ جون ڇوڪريون اِندور ۾ پرٽيل آهن اُنهن جي مائٽن وٽان وائرل ٿي اِندور وارن تائين پهتي.“

وڏيڪ ڪُجهہ ڳالهائڻ کان اڳہ مالهي لنچ لاءِ سڏڻ آين. ٻئي اُٿي هال ۾ ويا. رسوئي پروسي ڪاڏائون. هٿ مُنهن صاف ڪري اچي واپس ڪُرسين تي ويٺا. سلونيءَ مالهيءَ کي چيو، ”مالهي ڪاڪا، دوسرا روم کول دو، هم لوگہ ڪُڇ دير آرام ڪرينگي.“

”توهان اڃا بہ سنگيتا کي پنهنجو ٿا سمجهو؟“
”پيڻ دلين جا رشتا متجڻ جا نہ ٿيندا آهن. سنگيتا منهنجي
ــ-رڳ ۾ پيهجي ويئي هئي. جتي بہ رهي دل مان هميشه
يس ئي نڪرندي آهي.“
”ڪڏهن ٿا سنگيتا کي پنهنجو بڻايو؟“
”جڏهن سنگيتا جو پاپا قبول ڪري.“
اسپيڪر چالو هو. ناڪرداس سموري ڳالهہ ٻولهہ ٻڌي رهيو هو.
ليالٽيءَ کان فون وٺي چيائينس، ”پاپي، آءٌ ناڪو ٿو ڳالهايان.
ٺ صاحب مؤجود آهن؟“
”پائي صاحب سورج پيءُ دُڪان تي آهن، شام جو ساڍي اٺين
ئين گهر اچي ويندا آهن.“
”آءٌ 9 بجي فون لڳائي سيٺ صاحب کان پنهنجي خطا لاءِ
افي وٺندس ۽ رشتي جوڙڻ لاءِ منٿ ڪندس.“
”پائي صاحب اِئين چو ٿا چئو. ڌيءَ پيءُ تہ داتا ٿيندو آهي.
ولي تہ وري بہ اسان کي ڦهلائٽي پوندي.“
سورج جي ماءُ جي ڳالهہ ٻڌي ناڪرداس جي دل پرجي آئي.
ين ۾ آنسون تري آيس. پريل گلي سان چيائين، ”پاپي توهان
ان آهيو، سنگيتا جا پاڳہ پلا آهن جو توهان جي گهر ۾ نونهن
جي ايندي.“
سورج جي ماءُ چيس، ”پائي صاحب، توهان فقط ايترو ٻڌايو.
تو جوڙڻ توهان هتي ايندا يا اسين ڪٿنيءَ اچون؟“
”توهان ايندا تہ اُپڪار ٿيندو.“
سورج ماءُ کان موبائيل وٺي چيو- ”انڪل منهنجو هڪ شرط
ي.“

آهي. چوڻ لڳو، مون پنهنجي گهمنڊ ۾ هيري کي پٿر سمجهيو. هن گهڻنا منهنجيون اکيون کولي ڇڏيون آهن.“

ممي ءَ چيس، ”پوءِ دير ڇو ٿا ڪريو، لڳايون فون.“

ڏئڏيءَ چيس، ”ڪهڙو منهن کڻي ڳالهايان؟“

ممي ءَ چيس، ”سنگيءَ پيءُ، ڏيئر نانگ نوائيندي يون آهن. ڌيءُ پيءُ جو ڪنڌ نہ اُن ڏينهن جُهڪي ويندو آهي جنهن ڏينهن ڌيءَ جنم وٺندي آهي. وري بہ شُڪر ڪر، زمانو بدلجي ويو آهي. ڌيئرن پُٽن ۾ هاڻي فرق نہ رهيو آهي. توهان سورج جي پيءُ کي فون ڪيو.“

سنگيتا ماءُ کي چيو، ”رهڻ ڏي ممي، ڏئڏيءَ کي جُهڪڻ نہ ڏيو. آءٌ سورج کي فون ٿي ڪريان، انڪل خود ڏئڏيءَ کي فون ڪندا.“

ڪلياڻيءَ چيو، ”نہ ڌيءُ اهڙي غلطي نہ ڪجانءِ. ڇوڪري وارا بہ مانائتا آهن. هڪ دفعو پڪهين رشتو ٺُڪرائي چُڪو آهي. وري هوُ رشتي جي ڳُهر ڪن اِن ۾ سندن گهٽتائي آهي. تون جنهن گهر ۾ شادي ڪري ويندينءَ اُن ور-گهر جي عزت آبروءَ جو توکي پهريائين ڏيان رکڻ گهرجي. تون سورج کان سندس ماتا جو فون نمبر وٺي ڏي، آءٌ ٿي اُن سان ڳالهايان.“

سنگيءَ مون کان مميءَ جو موبائيل نمبر وٺي پنهنجي ماءُ کي ڏنو.

ڪلياڻي ديويءَ مميءَ جي موبائيل جو نمبر لڳائي چيو، ”ڀيڻ آءٌ سنگيتا جي ماءُ ٿي ڳالهايان.“

مميءَ چيس، ”ڀيڻ خوش مزي ۾ آهيو؟ اسان جي سنگيتا بيٽي مزي ۾ آهي؟“

، ڪنگو، ٽُٿ برش، پيسٽ، شيمپو وغيره مؤجود هئا. واش
س تي بہ صابڻ ۽ نئپڪن رکيا هئا.
هال ۾ ناشتو مؤجود هو. ويٽر سروس لاءِ مؤجود هئا. ناشتي ۾
بترا ئي آئٽم مؤجود هئا. مطلب ڪٽنيءَ وارن جي مهمان
زي پوريءَ طرح جهلڪي رهي هئي.
12 بجي ناڪرداس معزز هستين سان گڏ ڊئڊيءَ سان ملڻ
. اُنهن ۾ ڊئڊيءَ جا ڪُجهہ سُڃاتل پڻ هئا جيڪي قرب سان
يا. اُنهن ۾ شايد اُهو شخص بہ مؤجود هو جنهن سنگيتا کي بدنام
يو هو. هاڻي ڇڱو مُڙس بڻجي ويٺو هو.
منجهند جي ماني بہ اُتي ئي رکي ويئي هئي. رات جو سيٺ
ڪرداس پنهنجي دال مِل جي کُليل وڏي ميدان ۾ ٽينٽ
رائي پارٽيءَ جو اِنتظام رکيو هو.
مون انڪل کي هڪ طرف سڏي چيو، ''ڊئڊي، رات جو پارٽيءَ
ڊرنڪ ۽ نانويڄ نہ رکجو.''
ڊئڊيءَ چيو، ''پُٽ هاڻي سڀ تياري ٿي ويئي آ، هاڻي
ڇهہ نہ ٿيندو.''
مون چيومانس، ''هڪ ڪم ڪجو، پهريائين رنگہ سيريمين
، وڃڻ ڏجو. سنگيتا ۽ آءٌ اُتان هليا ويندا سين، پوءِ پارٽي شروع
رائجو.''
''ڪير توهان جي لاءِ پُڇي تہ؟''
''ڪير نہ پُڇندو، سيني جو ڌيان پيئڻ کائڻ ۾ هوندو.''
''توهان ٻئي ڇا کائيندءُ؟''
''ڪُجهہ بہ کائي وٺنداسين.''
''رات جو ويڄ روٽيءَ جو بہ اِنتظام آهي. آءٌ توهان ٻنهين جو

ناڪرداس چيو، ”پُٽ پهريائين مونکي ٻڌايو ڇٹ، مونکي تنهنجو هر شرط منظور آهي.“

”ڏاڏي آءُ صرف سنگيتا کي سويڪار ڪندس، ڪوئي ڏان ڏهيج نه.“

”پُٽ سنگيتا ڪانسواءِ منهنجو ٻيو ڪير آهي، سڀ ڪُجهه توهان ٻنهين جو نه آهي.“

”ڏاڏي آءُ توهان کي يقين ٿو ڏياريان، آءُ سنگيتا کي هر طرح سان خوش رکندس. توهان پنهنجي ملڪيت جي ٽرسٽ ناهي پراُپڪار جي ڪمن ۾ خرچ ڪجو.“

”پُٽ، مونکي تو تي ناز آهي. سيٺ صاحب جي فون جو انتظار رهندو.“

ڏاڏي گهر آيا. مميءَ سربستي ڳالهه ڪيس. پاڻ ۾ ويچار ڪرڻ لڳا. ڪڏهن ڪٽنيءَ هلجي. ڪنهن کي ڪنهن کي وٺي هلجي. سڀ رٿ رٿي، فون ڪري ڏاڏيءَ ناڪرداس کي ٻڌايو. ناڪرداس ڏاڏيءَ جا شڪرانا مڃيا.

اُهو سومر جو ڏينهن هو. ڏاڏيءَ ويجهن رشتيدارن کي فون ڪري ڪٽنيءَ هلڻ لاءِ چيو. ڇنڇر ڏينهن سپرا ايڪسپريس ۾ 20 ڄڻن جي رزرويشن ڪرايائون. آرتوار صبوح جو ڪٽنيءَ پهتاسين. اسٽيشن تي ڪارن جو ڪافلو وٺڻ آيو هو.

سيٺ ناڪرداس جي هڪ دوست جو وڏو بنگلو نهي تيار ٿيو هو. اُن ۾ اجا رهڻ نه ويا هئا، اسان کي اُتي ترسايائون. وڃڻ سان ڊراءِ فروٽ، مٺائي، بسڪوٽ ۽ چانهه سروَ ٿي. اُتي نائي ۽ بوُٽ پالش وارو به مؤجود هو. هڪ پريس وارو به هو. هرڪو پنهنجي پنهنجي حساب سان سنان ڪرڻ ويو. باٿ روم ۾ به ٽوال، صابڻ،

ـيءَ کي چيو، ”هاڻي وات مٺو ڪراءِ.“
سنگيءَ چيو، ”ٿفن ۾ سويٽ ڊش هيون ته سهين.“
”اُهي ته ٻاهر جون شيون هيون نه؟“
سنگيتا مُسڪرائي مون ڏانهن نهاريو. پنهنجا لب منهنجي لبن
ـ رکي چڏيائين. ايتري چوُت نه ملي چُڪي هئي. ٻنهين جو
ـپنڊ جُڙي چُڪو هو.
ـبئي روم ۾ رکيل ڪُرسين تي ويهي رهياسين. مون
ـيومانس، ”ڪڏهن ايندينءَ مون وٽ؟“
سنگيتا چيو، ”جڏهن تون چئين؟“
”من نه چاهي ٿو، سُپاڻي ئي توسان گڏ ڦيرا پائي ساڻ وٺي
ـنءَ.“
”ايترو بيصبر نه ٿيءُ. شاديءَ جي تاريخ ٻنهين ڌُرين جن
ـ طيءِ ڪرڻ ڏي.“
”موبائيل تي روز ڳالهائيندينءَ نه؟“
”نه.“
”چو؟“
”ڍاول هونداسين ته ملن جي رات ۾ اُها ڪشش نه هوندي،
ـڪا هئڻ گهرجي.“
مون چيومانس، ”پارٽي ته دير رات تائين هلندي، تيستائين
ـ ڪريون؟“
چيائين، ”ٻاهر ڪار بيٺي آهي، مونکي گهر ڇڏي آءُ، موٽي
ـي تون هتي آرام ڪر، آءُ پنهنجي گهر آرام ڪريان.“
مونکي اِهو ئي واجب لڳو. آءُ سنگيتا کي سندس گهر ڇڏي
ـس. سندس گهر ۾ روم ۾ ڏسي آيس. واپس اچي پنهنجي روم

ٽفن موڪليندس. ڪٿي هوندءُ، هتي يا اسان جي گهر؟“

”هتي ئي هونداسين. رنگہ سيريمنيءَ ۾ سُڳن طور ناريل مصري ئي ڏجو.“

”سورج توکي دنياداريءَ جي ڄاڻ نہ آهي. سيٺ صاحب جن کي ساڻ وٺي آيو آهي، اُنهن کي سوکڙي نہ ڏبي تہ اُن ۾ اسان جي بہ گهٽتائي ٿيندي توهان جي بہ. اِهو مسئلو تون سيٺ هوندراج ۽ اسان تي ڇڏ. شاديءَ وقت تنهنجي ڳالهہ مڃبي.“

رات جو رنگہ سيريمني ٿي ويئي. آءٌ سنگيتا سان گڏ جتي اسان کي رهايو ويو هو، اُتي هلي ويس.

ٽن مهنن کان بہ وڌيڪ عرصي بعد اسين ٻئي مليا هئاسين. هڪ ٻئي کي ڀاڪر ۾ ڀري ملياسين. آءٌ سنگيءَ جو چهرو ٻنهين هٿن ۾ جهلي ڏسندو رهيس. من ڀرجي ئي نہ پيو. سنگيءَ بہ مونکي پنهنجي ٻانهن ۾ سوگهو جهليو هو. من ۾ اچا بہ ڊپ سمايل هيس تہ وري وڇڙي نہ وڃون.

اسان ٻنهين جي اکين ۾ پياس هئي. من ۾ پياس هئي، اڻکٽ پياس. مون پنهنجا چپ سنگيءَ جي اکين تي رکيا، پيشانيءَ تي رکيا، سنگي منهنجا ڳل چمندي چپن تائين پهچي ويئي. پياس ڀڙڪي اُٿي سنگي پنهنجي لبن سان سوم رس پيئاريندي رهي. خود بہ تہ پياسي هئي. مون سان گڏ پنهنجي بہ پياس ٻُجهائيندي رهي. اچانڪ ڪال بيل وڳي. سنگي ڇرڪ ڀري مون کان الڳہ ٿي. در کوليائين، ڊرائيور اسان ٻنهين جي رسوئيءَ جو ٽفن کڻي آيو هو. ٽفن وٺي در بند ڪري مون وٽ آئي. ٻنهين هال ۾ وڃي ٽفن کولي ٽيبل تي رکي ڪُرسين تي ويهي کائڻ شروع ڪيو. رسوئيءَ مان فارغ ٿي وري روم ۾ وياسين، مون

”توهان ڇو نہ ڇڄ ڪٽي اچو، رسم تہ اِها ئي آهي.“
”هاڻي رسم منجهي ويئي آهي.“
”تون سُڏار آڻڻ چاهين ٿو نہ، تہ پوءِ رسم ڪي مٽڻ جي تون
پهل ڪر.“
”اسين ڇڄ ڪٽي اچون تہ بہ، توهان وٽ تہ مانس مدرا جو
پو ٿيندو ئي ٿيندو. جو آءٌ نٿو چاهيان.“
”تون ايترو رجڊ (سخت) ڇو ٿو ٿين؟ شراب ڪيترن بزرگن
خوراڪ جو حصو بڻجي ويو آهي. ويد اسان جا پويتر گرنٿ
ن، اُنهن ۾ بہ تہ سوم رس جو ذڪر آهي، بُڌاءِ، سوم رس ڇا
ي؟“
”سنگي، بُڌاءِ خوشيءَ جي موقعي تي جيو هتيا واجب آهي؟“
”ناهي واجب، اِن تي روڪ ضروري آهي.“
”آءٌ ڪامپرومائيز (سمجهوتو) ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. شراب سروَ
ندو ليڪن ماس نہ. تون اِن لاءِ ڊئڊيءَ کي مناءِ. تون خرچ جو
ڪر نہ ڪر، مون وٽ اگر ڪارون جو خزانو بہ هجي تہ تو مٿان
بان ڪيان.“
”سورج منهنجو مٿو نہ ڦير. مونکي پنهنجي آپي ۾ رهڻ
ي.“
”مون وٽ اچي پنهنجو آپو مون ۾ جذب ڪرڻو پوندءِ.“
”سورج، شاديءَ کانپوءِ بہ آءٌ سنگيتا ڪلياڻي ئي سڏائيندس.
نري ڇوٽ تہ مونکي ڏيڻي پوندءِ.“
”اِها ڇوٽ توکي ملندي، ٻيو ڇئہ.“
”هاڻي گهڻو ٿيو، هلي سيني سان ملان.“
”پهريائين مون سان تہ ڍنگہ سان مل.“

۾ وڃي ليٽيس. ٿڪ ته هو، ليٽڻ سان ننڊ اچي ويئي.
ٻئي ڏينهن سنگيتا جي ڊئڊيءَ سيٺي مهمانن کي گهر گهرايو. نيرن جو پروگرام گهر ۾ ئي رکيو هئائين. ناشتو ڪرائي، سيٺي کي سوکڙيون ڏيئي واپس بنگلي تي روانو ڪيائين. منجهند جي مانيءَ جو اِنتظام اُتي ئي هو. ٽرين شام جو هئي. رستي جو پارسل به اُتي ئي تيار ڪرايو ويو هو.
ٻنهين سيٺن آڪٽوبر جي پهرين هفتي ۾ شاديءَ جي تاريخ پڪ ڪري ڇڏي.
سنگيتا مون سان ملڻ آئي. ٻئي اڪيلا وينا هئاسون اُن وقت ڪمري ۾ ٻيو ڪير به نه هو. سنگيءَ چنتا ظاهر ڪندي چيو، ”سورج، تون ضد ٿو ڪرين ته دهيج نه وٺندين.“
”سو ته نه وٺندس.“
”ڊئڊي مڇ ۾ سؤ کان وڌيڪ ماڻهو وٺي ايندا.“
”ڀلي وٺي اچن. سندن رهڻ جي اِنتظام ڪنهن سُٺي هوٽل ۾ ڪنداسين.“
”تون سمجهين نٿو سورج، اُنهن کي صبوح شام پيگ ۽ ليگ کپندي. خوامخواهه انڪل تي لکين رپين جو بوجهه پوندو.“
”سنگي، خرچ جي پرواهه ناهي، ليڪن آءٌ مانس مدرا جي خلاف آهيان.“
”توهان نه ڪندءُ ته ڊئڊي ڪندو. اِن ۾ توهان جي گهٽتائي ٿيندي. اگر ڊئڊي به نه ڪندا ته ماڃي پنهنجي طرفان اِنتظام ڪندا. اِن ۾ ڊئڊي ۽ توهان جي، ٻنهين ڌرين جي بدنامي ٿيندي.“
”اِن لاءِ ڪهڙو رستو ڪڍجي؟“

ؤن ڪان موڪليو.
ڪنواريتن ڪان موڪلائڻ اِسٽيشن تي وياسين. سنگيءَ جي
ڏيءَ ڪار جي چابي مون ڏانهن وڌائيندي چيو- ”ٻيو ڪُجهه
ور تو اٿي. هيءَ سنگيتا جي ڪار جي چابي آهي اِها وٺ.“
مون چيو، ”چابي سنگيتا کي ڏيو.“ ٻئڊيءَ چابي سنگيتا جي
ٿ تي رکي. ٽرين رواني ٿي، اسان ٻه موٽ ڪاڏي.
سلونيءَ چيو، ”سڄ لهڻ وارو آهي. هل ته هال ۾ ٿا هلي ويهون.
ٻئي وچي هال ۾ ويناسين. مالهيءَ اڄ رات جي روٽيءَ لاءِ
چيو. سلونيءَ چيس، ”ڪُجهه به ناهي وٺ. مالهي لائيٽ ٻاري
يو ويو.
ڪُجهه دير خاموش رهڻ کانپوءِ مون سورج کي چيو- ”شادي
ويئي. کهاڻيءَ ۾ اڃا به ڪُجهه آهي؟“
چيائين، ”گهڻو ڪُجهه آهي.“
ڪُجهه دير بريڪ ٿا ڪريون. پوءِ وري شروع ڪجانءِ.“
ڪافي گهرائي پيتائون. سلونيءَ اڳتي ٻُڌائڻ لاءِ چيس.
سورج ٻُڌائڻ شروع ڪيو. اسان جا پنهنجا مهمان به روانا ٿي
ا.
سنگيتا مان روم ۾ اڪيلا هئاسين. مون سنگيتا کان پُڇيو،
هنيمون ملهائڻ سينگاپور هلندينءَ يا دبئيءَ؟“
چيائين، ”نه سينگاپور نه دبئي.“
”ته؟“
”اسين هلنداسين ويل آف فلورس.“ (گُلن جي وادِي).
”جيڪا سلسلا ۾ ڏيکاري هئائون؟“
”نه، جيڪا پريم روگ ۾ ڏيکاري هئائون.“

سنگيتا ٻانهون ڦهلايون. سورج سنگيتا کي ڀاڪر ۾ ڀري سيني سان لڳايو.

شام ٻه ٿي ويئي. سڀ اِسٽيشن تي روانا ٿيا. ٽرين حرڪت ۾ آئي. سيني هٿ هلائي موڪلايو. ٽرين پليٽفارم ڇڏيو. سڀ وڃي پنهنجيءَ پنهنجيءَ سيٽ تي ٽانئيڪا ٿيا.

شاديءَ جو وقت ٻه اچي ويو. ڌئڌيءَ ڪنواريتن جي آوڀڳت ۾ ڪائي ڪسر نه ڇڏيائون. ڌوم ڌام سان شادي ٿي.

سنگيتا سُهاڳ سيج تي دُلهن جي ويس ۾ سجي ڌجي گردن جُهڪائي ويٺي هئي. مون سُهاڳ سيج تي وڃي سنگيتا جي ڪاڏِي مٿي ڪري پنهنجون نظرون سندس چهري تي کُپائي ڇڏيون. سنگيتا مُسڪرائي پُڇيو، ”ڇا ٿو ڏسين؟“

”ڏسان ٿو اُن چهري کي جنهن کي ڪاليج جي پهرين ڏينهن ڏسي مدهوش ٿي ويو هوس ۽ سنڪلپ ڪيو هو ته هڪ ڏينهن توکي پنهنجي جيون سنگني بڻائيندس. اڄ منهنجو سپنو ساڪار ٿيو آهي. اُن موهڻي مورت کي جي ڀري ڏسڻ ڏي.“

سنگيتا حيرت مان مون ڏي ڏسڻ لڳي. اسين ٻئي هڪٻئي کي اپلڪ نهاريندا رهياسين. رات شمع جيان ٻرندي رهي. آخر اکيون بوجهل ٿيڻ لڳيون. مون ننڊ کي التجا ڪئي، ڪُجھه دير رُڪ، تيستائين رُڪ، جيستائين ٻه جسم ملي هڪ جان ٿي وڃن.

منهنجي اِلتجا قبول پيئي. اسين ٻئي هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ هئاسين.

صبوح جو سنان ڪري، ڪپڙا بدلي ڪمري کان ٻاهر نڪتاسين. ممي ٻنهين کي اُٿي وٺي ويئي جتي ڏيوَ ڏاميل هئا. ڏيوَن پترن کي جُهڪي پرڻام ڪري آسيس ورتيسين. مميءَ

ڇجهه دير بالڪنيءَ ۾ وڃي ويٺاسين. گنگاجيءَ جي ٻنهين
ڪنارن جي رونق نظر اچي رهي هئي.
شام جو گنگا آرتي ڏسي آياسين. واپس اچي هوٽل جي
مئنيجر کان ويلي آف فلاورس جي باري ۾ پڇيومانس.
ٻڌايائين، اگر توهان باءِ روڊ وڃڻ چاهيو ته هردوار کان
ٻوراڳڙه، پٿوراڳڙه کان گووند گهاٽ تائين وڃي سگهندا آهيو.
ان گوبند ڌام تائين جيپ ۾ وڃي سگهندا آهيو. اُتان ويلي آف
ورس تائين پيدل وڃڻو پوندو آهي. گووند گهاٽ ۽ گووند ڌام
گُردوارا آهن جتي رُڪڻ به سگهبو آهي ۽ 24 ڪلاڪ ڀنڊارو به
لندو آهي. اُتي توهان کي گيسٽ هائوس به ملندا. جڳهه جڳهه
ي اِسٽال ۽ ريسٽورنٽ به ملندا جتي هر شيءِ ۽ هر طرح جي
ڊي-پيتي جي شيءِ به ملندي. باءِ ايئر جو روٽ هو ڌهرادون
ان گووند گهاٽ باءِ ايئر گووند گهاٽ کان گهانگهريا (گووند ڌام)
يليڪاپٽر سروس آهي.
مون باءِ ايئر وڃڻ جو فيصلو ڪيو. رات جو ماني ڪائي آرام
ڪيوسين. صبوح جو هر جي پؤڙيءَ تي وڃي گنگاجيءَ ۾ سنان
ڪيوسين. سيرو، مالپڙو، پوري سبزيءَ جو ناشتو ڪري چانهه پي
وپ وي تي وياسين. ٽراليءَ ۾ سوار ٿي منشاديويءَ وياسين.
رشن ڪري واپس هوٽل آياسين. ڌهرادون کان گووند گهاٽ
لائيٽ جو ٽائيم معلوم ڪري شام جو ئي ڌهرادون روانا ٿياسين.
ير شام جو پهچي هوٽل ۾ روم وٺي رُڪياسين. آن لائين گووند
هاٽ جي لاءِ ٻه سيٽ بوڪ ڪرايون. هتون هت گووند گهاٽ کان
هانگهريا تائين هيليڪاپٽر ۾ به ٻه سيٽ بوڪ ڪرايون. شام جو
هانگهريا پهتاسين. گووند ڌام گُردواري ۾ رُڪياسين. رات جو

’ڪٿي آ اِها ويلي آف فلاورس؟‘‘
’’هماليہ جي گود ۾.‘‘
آءُ سنگيتا جو چهرو ڏسڻ لڳس. پڇيائين، ’’ڇا تو ڏسين؟‘‘
مون چيومانس، ’’ڪڏهن زمين تي پير نہ رکيو اٿيِ، برفيلن پهاڙن تي هلندينءَ؟ اُتي ڪيترا ڪلوميٽر پنڌ ڪرڻو پوندو آهي. آڪسيجن جي بہ ڪمي هوندي آهي.‘‘
چيائين، ’’روز هزارين ماڻهو تا وڃن، اُهي ڇا پٿر جا ٺهيل آهن؟ اسان بہ هلي ٿي ايندا سين.‘‘
’’پر پتو بہ تہ نہ آهي تہ اُها ويلي آف فلاورس آهي ڪٿي؟‘‘
’’هتان هردوار هلنداسين، اُتي سنگہ سات ٿي ويندو. نہ تہ بہ پتو ڪري وٺنداسين.‘‘
ٻئي ڏينهن مون ممي پپا کان ٻُڌائي وڃڻ جي اِجازت ورتي. ايجنٽ کي چئي تتڪال ۾ فلائيٽ جون بہ ٽڪيٽون دهليءَ جون بوڪ ڪرايون. دهليءَ کان ٽئڪسيءَ ۾ هردوار روانا ٿياسين. ڊرائيور کان ئي معلوم ٿيو تہ گنگاجيءَ جي ڪناري تي هوٽل تيرٿ آهي. ٿورو مهانگو آهي ليڪن آرام دايڪ آهي. روم جي بالڪنيءَ ۾ ويهي گنگا ڪناري جي ڇهل پهل ڏسي سگهندا.
هردوار ۾ جيستائين ٽئڪسي وڃي سگهندي هئي، اُتي ٽئڪسي ڇڏي. سامان لاهي ڪِرايو ڏيئي ٽئڪسيءَ واري کي روانو ڪيوسين. اُتان هوٽل تائين رڪشا ۾ وڃڻو هو، هڪ سائيڪل رڪشا ۾ سامان سوُڌو وڃڻ ممڪن نہ هو. ٻہ رڪشا ڪيون، هڪ ۾ آءُ ۽ سامان ٻيءَ ۾ سنگيتا ۽ باقي سامان رکي روانا ٿياسين. هوٽل پرسان ئي هو. ٻن ڏينهن لاءِ ڊيلڪس روم بوڪ ڪرائي الاٽ ڪيل ڪمري ۾ وياسين. ڪمري جي بالڪني نديءَ طرف هئي.

ڳهين تي رُڪي ڪُجهہ ڪاڏوسين، چانهہ پيتيسين. رات جو لنگر
ڪي آرامي ٿياسين.
صبوح جو گُلن جي واديءَ روانا ٿياسين. سوڙها لِڪَ ۽ ننڍا
ڀيچرا، گهوڙي يا ڏولي ڪٿي وڃڻ وارن ڪهارن جي ڪائي
نجائش نہ هئي. چار ئي ڪلوميٽر پيدل ياترا ڪرڻي هئي.
شروع کان ئي خوبصورت منظر پسندا اڳتي وڌندا وياسين.
ڪتوبر جي مهني ۾ واديءَ جي سونهن پوري شباب تي هوندي
هي. اِهو قدرت جو ڪرشمو چئبو. چوڌاري برفيلن پهاڙن جي
چ ۾ سرسبز وادي. وڻ-ٽڻ طرح طرح جا گُل ٻوٽا.
واديءَ ۾ پهچي سنگيتا مگڌ ٿي طرح-طرح جي گُلن کي
يرت مان نهاريندي رهي. ڪيترن گُلن کي هٿ سان ڇُهيائين.
ڪيترن کي پنهنجي ڳلن سان لڳايائين. ڪٿي جُهڪي
وبصورت گُلن تي پنهجا چپ ٿي رکيائين. بيحد خوش هئي.
چ سندس سپنو ساڪار ٿيو هو. سنگيءَ کي خوش ڏسي آءٌ بہ بيحد
وش هيس.
اوٽ موٽ 8 ڪلوميٽر پنڌ ڪري بہ ٿڪ نٿي محسوس ٿيو.
اجا واديءَ ۾ ئي هئاسين تہ سنگيتا مونکان پُڇيو، ”سورج،
ن کان وڌيڪ سُرڳہ ۾ ٻيو ڇا هوندو؟ جڏهن سُرڳہ جو ذڪر ٿيندو
هي تہ آڱر مٿي ڪٿي اِشارو ڪندا آهن. اُن جو مرم اَڄ سمجهہ
آيو آهي. مٿي جو مطلب هيِ برفيلا پهاڙ، سرسبز واديون،
ونچن پهاڙن تي مؤجود اسان جا تيرٿ اِستان آهن. سينگاپور يا
بئي هلون ها تہ ٻاهرين يعني جسماني خوشي ملي ها. هِتي
چي روحاني خوشي ملي آهي.“
مون چيومانس، ”سنگي آءٌ تنهنجو شڪرگُذار آهيان جو تون

لنگر ۾ رسوئي ڪاڏيسين.

گووند ڌام گُردواري ۾ معلوم ٿيو تہ اُتان 6 ڪلوميٽر جي فاصلي تي هيم ڪُنڊ صاحب آهي. اُتي ڏهين پاتشاهي گُرو گووند سنگهہ صاحب تپسيا ڪئي هئي. اُن جڳهہ تي گُردوارو آهي. گُردواري ۾ لنگر تہ هلندو رهندو آهي، ليڪن رُڪڻ جو اِنتظام نہ آهي. درشن ڪري واپس اچڻو پوندو آهي. گووند گهاٽ کان 4 ڪلوميٽير تائين گهوڙا ۽ پالڪي ملندا آهن باقي ٻہ ڪلوميٽر پنڌ ڪرڻو پوندو آهي. اسان ٻہ هيم ڪُنڊ صاحب وڃڻ جو فيصلو ڪيو. صبوح جو 5 ٻجي جٿو روانو ٿيندو آهي. اُن لاءِ تياري ڪرڻي پوندي آهي. اوور ڪوٽ، ٽوپ لانگہ شو، ڇٽي ۽ ڪپڙا ڪٽي وڃڻو پوندو آهي. اونچائي واري جڳهہ تي آڪسيجن جي ڪمي هوندي آهي، جنهن ڪري چڪر اچڻ، اُلٽي اچڻ ممڪن آهي، ڪپور سنگهڻ سان اُن تڪليف کان بچي سگهبو آهي. ڪي ماڻهو آڏاوسو آڪسيجن سلينڊر ٻہ کڻي ويندا آهن، جيڪو 500 رپين ۾ ملندو آهي. ڪم نہ اچي تہ 500 رپيا واپس ملندا آهن. آءُ ٻہ بزار وڃي ضروري سامان وٺي آيس.

صبوح جو 5 ٻجي روانا ٿي 10 ٻجي هيم ڪُنڊ پهتاسين. هيم ڪُنڊ لڇمڻ گنگا نديءَ جي ڪناري تي وسيل آهي. لڇمڻ گنگا اڳتي هلي الڪنندا ۾ وڃي ٿي ملي. امرت سروور ۾ سنان ڪري گُردواري ۾ درشن ڪرڻ وياسين. لنگر ڇڪي ٻہ ڪلاڪ اُتي گُذاري برفيلن پهاڙن کي نهاري واپس ورياسين. رستي ۾ خوبصورت پهاڙن کي نهاري واپس ورسياسين. رستي ۾ خوبصورت منظر پسندا وياسين. گليشيئر آبشار، ننگہ ڏڙنگہ ساڌو ۽ ٻيون ڪيترِيون عجيب شيون پسندا شام جو گووند ڌام موٽياسين. رستي ۾ ٻن

”بول ديتا هون ميم صاحب.“
مالهي هليو ويو. سلونيءَ سورج کي چيو- ”هل تہ ٻاهر کُلي ۾
هلي ويهون.“
ٻئي اُتي وڃي ورانڊي ۾ ويٺا. سلونيءَ پڇيس، ”اُتان
ريناٽ بہ تہ ويجهو هو، اوستائين تہ بس ڪار ويندي آهي؟“
سورج چيس، ”اِئين تہ گنگوتريءَ تائين بہ روڊ سروس هئي
ڪن ڪُلن جي واديءَ ڪانپوءِ سنگيتا جو من ڀرجي ويو، ٻيو
ڏانهن بہ هلڻ نٿي چاهيائين. اِنڪري واپس اچي وياسين.“
مالهيءَ اچي چيو- ”کانا لگا دون؟“
سلونيءَ چيس- ”لگا دو.“
ٻئي اُٿي وڃي هال ۾ ويٺا. مالهي رسوئي کٽي آيو. سلونيءَ
پليٽن ۾ روٽي رکي ۽ باڙلس ۾ سبزي پروسي. ٻنهين کائڻ
روع ڪئي. سلونيءَ ڏٺو سورج روٽي بيدليو کائي رهيو هو.
ونيءَ ٺوڪڻ نيڪ نہ سمجهيو. ايندڙ طوفان کي مُنهن ڏيڻ لاءِ
ڻ کي تيار ڪرڻ لڳي. طيءِ ڪيائين تہ صبوح تائين سورج کان
جهہ نہ پڇندي. روٽي کائي ورتائون. مالهي برتڻ کڻڻ آيو.
لهيءَ پُڇين- ”دوڌ ايِي پيئينگي يا باد ۾؟“
سورج منع ڪيس. سلونيءَ چيس- ”مئن ڀي نهين پيئونگي.“
ٻئي اُٿي سورج جي ڪمري ۾ ويا. ٻئي خاموش هئا. سلوني
ورج کي غور سان جاچي رهي هئي. سورج جون اکيون سُرخ ٿي
يون. پلڪن ۾ نمي نظر اچي رهي هيس.
سورج شوڪارو ڀري چيو- ”اڇا سفر جو ٿڪ بہ نہ ڀڳو هوسين،
نگيتا ڪار ۾ ڪوناري مارڪيٽ اچي رهي هئي. ريڊ سنگل
سي پلاسيا چوراهي تي اچي پٽيءَ تي ڪار روڪي گرين سنگل

مونکي هِتي وٽي آئي آهين.''

مون گهانگهريا کان گووند گهاٽ ۽ گووند گهاٽ کان دهرادون هليڪاپٽر ۽ هوائي جهاز جي ٽڪيٽ بوڪ ڪرائي. رات جو ئي تياري ڪري ڇڏي هئي. ٻئي ڏينهن منجهند تائين دهرادون پهچي وياسين.

ايئرپورٽ تي ئي ٻئي ڏينهن جي اِندور وايا نيوُ دهلي هوائي جهاز جون ٻه سيٽون بوڪ ڪرايون. اُتان وجي هوٽل ۾ روم ورتو، سامان رکي، لنچ ڪائي روانا ٿياسين. لڳ ڀڳ 5 ڪلوميٽر جو رستو روپ وي ٽراليءَ ۾ 16 منٽن ۾ طيءَ ٿي ويو. شام جو واپسيءَ جون ٽڪيٽون وٺي ٻه-ٽي ڪلاڪ مسوريءَ گُهمي شام جو دهرادون موٽي آياسين، ٻئي ڏينهن شام جو اِندور موٽي آياسين.''

اڄا سورج پنهنجي ڳالهه پوري نه ڪئي هئي. سلونيءَ کي سورج جي چهري جا ڀاو بدلجندا نظر آيا. آثار سُٺا نظر نه آيس. سندس ڌيان بدلائڻ لاءِ چيائينس، ''سورج ماني کائون؟''

سورج چيس- ''ايترو جلد؟''

سلونيءَ چيس- ''مونکي بُک لڳي آهي.''

''پر رسوئي تيار ٻه ته نه هوندي.''

''پتو ڪري ٿي وٺان.''

سلونيءَ مالهيءَ کي آواز لڳايو. مالهيءَ جي اچڻ تي پُڇيائين، ''ماني تيار هئه؟''

مالهيءَ چيس- ''بس روٽي پڪاني هئه.''

''روٽي پڪاني ڪي ليئي بول دو، دونو ڪمرون ۾ پاني ڪي جڳه پر ڪي رکه دو، صاف گلاس رکه دو، اؤر ڪمرون ۾ زيرو بلب جلا دو.''

يائين. ڪُجهہ دير کان پوءِ سورج جون اکيون ٻوٽجڻ لڳيون.
رج ننڊ ۾ سُڏڪندو رهيو.
سلونيءَ آنچل سان پلڪون اُگهيس. ٻنهين هٿن ۾ چهرو
ڪڙي جهليائينس. سورج کي آٿت مليو. سلوني لڳاتار مٿي تي
ريون ڦيريندي رهيس. جڏهن گهري ننڊ اچي ويس تہ سورج
مٿو وِهاڻي تي رکي کسڪي پلنگہ تان هيٺ لهي ويئي. سورج
چادر اوڍائي ڪُرسي پلنگہ پرسان سوري ويهي ڪنڌ هنڌ تي
ي اکيون ٻوٽي ڇڏيائين.
فڪر جي ننڊ هيس. باڪہ ڦٽي جو جاڳہ ٿيس. اُٿي در ٻيڪڙي
ي پنهنجي ڪمري ۾ سُمهي پيئي. چانهہ جي ٽائيم تي
هي چانهہ جي لاءِ پُڇڻ آين. در ٻيڪڙيل هئا. در ٺورو کولي
ٺو پائي ڏٺائين سورج سُمهيو پيو هو. ٻئي ڪمري ۾ وڃي
ئين سلوني بہ سُمهي پيئي هئي. مالهي موٽي ويو.
9 بجي سلونيءَ جي جاڳہ ٿي. باٿ ۾ وڃي هٿ مُنهن ڌوئي
ش ڪري فريش ٿي سورج جي ڪمري ۾ ويئي. سورج اڃا
هيو پيو هو. پرسان وڃي مٿي تي هٿ ڦيريائينس. سورج
ايل اکين سان سلونيءَ ڏانهن ڏٺو. سلونيءَ چيس- ”اُٿ هٿ
ن ڌوءُ تہ چانهہ پيئون.“
سورج اُٿيو، باٿ روم ۾ وڃي برش ڪيائين، مُنهن ڌوئي
ش ٿي باٿ روم مان روم ۾ آيو. سلونيءَ چيس- ”هل تہ باغ
ا ويهون.“
اليءَ کي چانهہ لاءِ چئي ٻئي وڃي باغيچي ۾ وينا. مالهي
ي، بسڪيٽ ۽ چانهہ رکي وين. ٻنهين چانهہ پيتي. مالهي
ي برتڻ کڻڻ آيو، اچي نيرن لاءِ پُڇيائين. سلونيءَ چيس-

جو اِنتظار ڪري رهي هئي. سامهون ٽرئفڪ چالو هئي. اوچتو سنگل سائو ٿيو. سنگيتا ڪار اڳتي وڌائي، اِسپيڊ سلو هيس. پريان هڪ غير ذميوار نوجوان ريڊ سنگل ڪراس ڪري تيز اِسپيڊ ۾ ڪار ڊرائيوَ ڪري سنگيتا جي ڪار سان زور سان اچي ٽڪرائي. ٻنهين ڪارن جا پرزا پرزا اُڏامي ويا. اُن سان گڏ سنگيتا ٻه.'' وڌيڪ چئي نه سگهيو. اندر ۾ جلندڙ جوالامُکي ڦاٽي نڪتو، لاوو سورج جي اکين مان وهي نڪتو.

سلونيءَ اُٿي وجي سورج جو مٿو پنهنجي ڇاتيءَ ۾ لڪايو. سلونيءَ جو بلائوز ءَ ڇاتي پُسندي آلي ٿيندي رهي. سلونيءَ پرواهه نه ڪئي. پابوهه مان سورج جي وارن ۾ آڱريون ڦيريندي رهي. سورج کي روئي من هلڪو ڪرڻ ڏنائين.

اوچتو سورج سلونيءَ جو هٿ پڪڙي چيس- ''سلو، اڄ رات مونکي اڪيلو نه ڇڏجانءِ، ڪٿي دل ڌڙڪڻ بند نه ڪري ڇڏي.''

سلونيءَ پنهنجي آنچل سان سورج جو مُنهن، اکيون اُگهي چيس- ''فڪر نه ڪر آءٌ هتي ئي هوندس، توکي اڪيلو نه ڇڏيندس.''

کُليل مئداني علائقو هو. چوڌاري کيت يا غيرآباد زمين هئي. رات جلد ئي پنهنجي ڪاري اوڍني ڦهلائي ڇڏي هئي. سلونيءَ ٻاهر نڪري ڏٺو مالهيءَ جي گهر جي بتي بند هئي. وجي پنهنجي ڪمري جو دروازو بند ڪري آئي. سورج جي ڪمري ۾ واپس اچي دروازو اندران بند ڪيائين. گلاس ۾ ٿورو پاڻي پري سورج کي پيئاريائين. سورج کي پلنگ تي ليٽڻ لاءِ چيائين. پاڻ به پلنگ تي چڙهي ويٺي. سورج جو مٿو پنهنجي گود ۾

رضي والي لي ويا، ڪورٽ ڪچهري هو رهي هئه، بنگلا پي
لام هوني والا هئه.''
''اوهه! گنگوُٻائي تم اپني موبائيل ۾ پي.ٽي.ايم. ڪرائو مئن
مهين پئسي ڀيڄ دونگي.''
سورج پُڇيس- ''ڪٿان ٿي ڳالهايو گنگوُٻائيءَ؟''
''ممبئيءَ مان.''
''ممبئيءَ سان تنهنجو ڪهڙو ڪنيڪشن آ؟''
''اُتي منهنجا ساهرا آهن.''
''چا؟ تون شادي شده آهين؟''
''ها.''
''پوءِ ٻه تون مونسان...'' سورج وڌيڪ ڪُجهه چئي نه سگهيو.
حيرانيءَ مان سلونيءَ ڏانهن ڏسندو رهيو.
سلونيءَ چيس- ''اُٿ هلي سنان ڪريون. تيستائين ناشتو تيار
ٿي ويندو. ٻئي اُٿي پنهنجي پنهنجي ڪمري ۾ ويا. سنان
ڪري تيار ٿي هال ۾ آيا. مالهي ناشتو لڳائي چڪو هو. ٻنهين
ٻيرن ڪاڌي. مالهيءَ لوٽي مان ٻن گلاسن ۾ ڏُڌ پيري ڏنن. ٻنهين
ڏُڌ پي گلاس ٽيبل تي رکيا. مالهي خالي برتڻ سميٽيندي پُڇيو،
''دوپهر ڪي ڪاني ۾ ڪيا بنائون؟''
''ڪڙهي چاول بنانا، اُس ۾ ٻهه پي ڊالنا.''
پرس مان پنج سوَ جو نوٽ ڪڍي مالهيءَ کي ڏيندي چيائين،
''دو بيئر لاڪر فرج ۾ رکه دينا.''
مالهيءَ چيس- ''تين بيئر فرج ۾ رکي هئه، اڏڪ ليڱگي تو
لي آئون.''
''ٻهت هئه، رات جو مٽر مشروم ڪي سبزي، پينڊي فراءِ بنانا،

”آج ڪُڇ خاص بنائو.“

”شُڌ گيهہ ۾ حلوا پوُري آلو اوُر دهي هئہ نہ؟“

”هئہ ميم صاحب.“

”ناشتي ڪي باد لسي پلانا.“

مالهي هليو ويو. سورج سلونيءَ ڏانهن مخاطب ٿي چيو- ”سلوني، رات تو مونکي بچائي ورتو. نہ تہ تہ الائي ڪهڙو حال ٿئي ها.“

”سورج آءٌ ناري آهيان، ڪنهن جو ڏُکہ درد ڏسي نہ سگهندي آهيان.“

”هاڻي تون پنهنجي باري ۾ ٻُڌاءِ.“

”تون مس مس نارمل ٿيو آهين. آءٌ توکي وڏيڪ ڏُکي ڪرڻ نٿي چاهيان.“

”مطلب تون بہ دل ۾ سوُر سانڍي ويٺي آهين؟“

سلونيءَ ڪائي ورندي نہ ڏنس.

سورج چيس- ”ٻُڌائڻو تہ پوندءِ. اڄ شام تائين هتي آهيون. ٻُڌائي هيانءُ هلڪو ڪر.“

سلونيءَ جي موبائيل تي رِنگہ ٿون وڳي. سلونيءَ اِسپيڪر آن ڪري چيو- ”هيلو؟“

ٻئي طرف کان آواز آيو- ”ٻاٻي مئن گنگوٗبائي بولتي، مئني آپکي گهر ڪا ڪام ڇوڙ ديئا هئہ.“

”ڪيون ڇوڙ ديئا؟“

”دو مهني سي پگهار نهين ملا.“

”ڪام مت ڇوڙو، مئن آڪي پگهار دونگي.“

”ٻاٻي تُم اڌر ڪو مت آنا، ٻُهت لفڙا هُئا هئہ، دونو ڪار

يون، نؤڪر چاڪر هر طرح سان سُکي سمپن پريوار هو.
ڏئڏيءَ پُڇيس، ”ڇوڪريِ وٽندن؟“
لال چيو. ”ڪنيا جو فوٽو ڏنو اٿائون، توهان جي ناموس جي
ي رشتو جوڙڻ ٿا چاهن.“
ڏئڏيءَ پنهنجي ليکي جاچ ڪرائي. خاطري ٿيس تہ ڇوڪري
ن کي ڇوڻ ڪرايائين تہ پلي اڇو ڇوڪريِ ڏسڻ.
طيءَ تاريخ تي آيا، رشتو طيءَ ڪري ويا. ڇوڪري جو نالو
يش هو. پٽس ٽيڪمداس چاٻڙيا. رشتو جُڙڻ تي آءٌ بيحد
ش ٿيس. آخر شاديءَ جي تاريخ پڪي ٿي. شادي بہ ٿي وئي.
ل تاج ۾ پارٽيءَ سان گڏ ڪيترا فلم انڊسٽريءَ جا ماڻهو بہ
پارٽي پيڪيدار رهي. رميش ۽ منهنجي لاءِ هوٽل ۾ ئي روم
ڪرايو ويو هو. پارٽيءَ جو ٽوٽل خرچ ڊئڊيءَ ڪيو. پيو بہ
ڪولي ڏهيج ڏنائون.
گهر ۾ منهنجو خوب آدر ستڪار ٿيو. هڪ ڏينهن رميش
نکي هڪ اِسٽوڊيو ۾ شوٽنگ ڏيکارڻ وٺي ويو. هڪ هڪ سين
ڪرن ۾ فلمايو ٿي ويو. جن کي اسين خوبصورت هيروئن ۽ هيرو
هئنڊسم سمجهندا آهيون، سڀو ميڪاپ جو ڪرشمو هوندو
فلم اڪين جي دوکي ڪانسواءِ ڪُجهہ بہ نہ آهي. پرم جو پيو
و فلم آهي. انڪري ئي فلمي دنيا کي مايانگري سڏيندا آهن.
يا جو مطلب آهي پرم.
ڊئڊي هڪ سيڪڙي وياج تي پئسا وٺي فلم نرماتا کي 5
ڪڙو وياج تي پئسا اُڌارا ڏيندا آهن. فلم اِنڊسٽريءَ ۾ سندن
وب پُڇ پرک هئي.
هڪ ملٽي اِسٽار فلم ۾ وڏي رقم لڳائڻ وارا هئا. خبر نہ آهي

سنيڪس ۾ بهہ ڪي ٽڪي اؤر آلو فنگر بنانا.''

''بهتر هئہ.'' چئي برنڻ سميٽي مالهي هليو ويو.

سورج ٽنيير تي پُڇيس- ''شام جو واپس هلڻو آهي، پوءِ رات جي روٽي ڇا لاءِ؟''

''سورج، هتان هلڻ کان پوءِ وري ملڻ ٿئي نہ ٿئي، اڄ رات هتي ئي رُڪنداسين.''

''سُياڻي صبوح جو هلنداسين.''

''بيئر؟''

''بيئر ٽنل من تي تڏو ڇنڊو هٽندو آهي.''

''ٽنل ٽانڊي تي تڏو پاڻي پوڻ سان دونهون اُٿندو آهي. ٻاڙهو اگر ڪاري ڪوئلي ۾ تبديل ٿي ويندو آهي. بهتر آهي اندر جي ٻاڦ کي ڪڏي ٻاهر ڪڍجي.''

''اُٿ هل، ڪمري ۾ ٿا هلون.''

سورج اُٿي سلونيءَ جي ٻُنيان سندس روم ۾ ويو. اُني وچي ٻن ڪُرسين تي ويٺا. سلونيءَ سورج ڏانهن نهاري چيو- ''سورج توکي ياد هوندو، مون توکي چيو هو سانورو رنگہ ناريءَ لاءِ لعنت آهي. ڪنهن سچي پينگي گهر جي ٻُڇڙيءَ شڪل واري ڇوڪري کي بہ ڇوڪري هيروئن ڪپي. امير گهر جا شهزادا مون جهڙيءَ سانوري ڇوڪري- - کي - قبول ڪندا؟

ڊئڊيءَ گهڻي ئي حيلا هلايا ليڪن ڪٿي بہ رشتو نہ جُڙيو. آءٌ من ۾ ڪُڙهندي رهيس. اهڙي فضيحت کان تہ ڪنوارو رهڻ بهتر.

هڪ ڏينهن رشتن جو دلال ممبئيءَ جو هڪ رشتو کڻي آيو. ڇوڪري جو پيءُ فلم فائنينسر هو. باندرا ۾ پنهنجو بنگلو هين،

يان.''
ڏي منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي. وري چوڻ
''خوبصورتيءَ جي ڪائي ڪمي ناهي، ڪيترين ئي
فوف خوبصورت ڇوڪريون هيروئن بڻجڻ جي چاهت ۾،
سان هم بستر ٿينديون آهن.''
ڏي منهنجي تن بدن ۾ باهه لڳي ويئي. سوچيم- هڪ وار
ور وڃان ته وري نه موٽندس. اهڙو موقعو جلد مليو. ڊئڊيءَ
نجي موڪل گهري، موڪل خوشيءَ سان ملي ويئي.
يش هوائي جهاز ۾ منهنجي ٽڪيٽ بوڪ ڪرائي، خود
رپورٽ وٽي هليو. چيائين، ''ساري ڊارلنگ، هن وقت آءٌ بزي
يان، جلد توکي وٺڻ ايندس.''
مون من ۾ چيو، ''اهڙي نوبت نه ايندي. آءٌ وري ممبئي نه
ڻ جو سوچي اِندور اچي ويس.
يلي منهنجو رميش سان طلاق نه ٿيو آهي ليڪن مون من ۾
يش کي طلاق ڏيئي ڇڏيو آهي. تون منهنجو دوست آهين،
سان مونکي همدردي آهي، اِنڪري توسان گڏ هِتي اچڻ ۾
نکي ڪوئي هرج نظر نه آيو.''
سورج چيو، ''تون رميش کي طلاق ڇو نه ٿي ڏين؟''
''اگر طلاق ڏينديمانس ته وري ٻيءَ ڪنهن ڇوڪريءَ جي
دگي تباهه ڪندو.''
''اگر رميش طلاق ڏنئه نه؟''
''معاملو عدالت ۾ ويندو. سال گذري ويندس. اُن کان علاوا
دالت ۾ سندس ڪرتوت اُجاگر ٿيندا. ڪابه ڇوڪري هن جي
ار ۾ نه ڦاسندي.''

ڇو مونکي سُٺو نہ لڳو. ليڪن منهنجو ڪُجهہ چوڻ سُٺو نہ لڳو
چُپ رهيس.

رميش مونکي گوئا گُهمائڻ وٺي ويو. اُن وقت گوئا ۾ فلم فيسٽيول هلي رهيو هو. ڪيترن ملڪن جون مشهور فلمون ڏيکاريون ٿي ويون، ڪيتريون ٻاهريون ۽ ممبئيءَ جي فلم اِنڊسٽريءَ جون بہ ڪيتريون هستيون آيل هيون. اُن کان علاو بينگالي، مراٺي، ڀوجپوري ۽ سائوٿ جون تمل، تيلگو فلمون بہ فيسٽيول ۾ شامل هيون ۽ اُتان جون فلمي هستيون بہ آيل هيون

رميش مونکي بہ فيسٽيول ۾ وٺي ويو. ميلو لڳو پيو هو. گوئا بہ خوب گُهمايائين، دل خوش ٿي ويئي.

هڪ ڏينهن رميش ڪيسينو هلڻ لاءِ چيو. مون منع ڪئيمانس رميش اڪيلو هليو ويو. آءٌ ڪائي پڍي دروازو بند ڪري سُمهي پيس. آءٌ گهريءَ ننڊ ۾ سُمهي پيئي هيس. موبائيل جي رنگ ٽون وڳي، منهنجي جاڳ ٿي. رميش دروازو کولڻ لاءِ چيو، اُن وقت رات جا چار ٿيا هئا. انگريزي حساب سان صبوح جا چار. جيئن ئي دروازو کوليو، شراب جي ٻانس جو جهونڪو ناسن ۾ گهڙي ويو. اُبڪائي اچڻ لڳي. نشي ۾ ٽٻ رميش اچي پلنگ تي قاب ٿي ڪريو. اڌ شرير فرش تي اڌ پلنگ تي. مون ڪيس سڌو ڪري سُمهاريو. بوٽ جوراب لاٿامانس، مٿان چادر ڍڪيمانس. منهنجي نيٹن جي ننڊ ڪافور ٿي ويئي. آءٌ پلنگ جي هڪ ڪُنڊ وٺي ٽيڪ لڳائي ويهي رهيس. نڪ مُنهن دُپٽي سان ڍڪي ڇڏيم. رميش ننڊ ۾ بڙبڙائي رهيو هو- ”اڄ پنجين لکين جي هار ٿي ويئي.“
مون ڇرڪ ڀريو. وري چوڻ لڳو، ”نو پرابلم سلوني آهي نہ
وشنداس جو سائين ڪيل بلئنڪ چيڪ بوڪ جڏهن چاهيان ڪئش

”اوڪي، ڪورٽ ۾ ملنداسين.“
سلونيءَ سوَچ آف ڪري ڇڏيو.
سورج- ”ڇا تي سمجهين ڏيندءُ طلاق؟“
”ڏئي ته سُنو، پر همت نه ڪندو.“
”پوءِ تون ڇا ڪندينءَ؟“
”اِنتظار.“
”ڇا جو اِنتظار؟“
”رميش ۽ اُن جي پيءُ جي بربادي جو اِنتظار. گنگوُبائيءَ اِشارو ڪيو هو ته بنگلو نيلام تي ويندن. آءٌ چاهيان تي ڇاڙيا پريوار فوٽ پاٿ تي اچي وڃي.“
”اُن ڪان پوءِ تون رميش کي طلاق ڏيندينءَ؟“
”ڇا ڏيئي ڪندس؟“
”اُن جي نالي کي پنهنجي نالي کان الڳ ڪرڻ نه چاهيندينءَ؟“
”آءٌ اڳ به سلوني هيس، هاڻي به سلوني آهيان. پوءِ به سلوني سڏبس. مون ڪڏهن به سلوني ڇاڙيا نه سڏايو آ.“
وڏيڪ ڪنهن کي به ڪجهه چوڻو نه هو. وقت ڪاٽڻ مُشڪل ٿي پين. اڃا ته سڄو ڏينهن ڪاٽڻ باقي هين. ٻئي جهولي تان اُٿي بيمقصد باغ ۾ کيت ۾ گُهمندا رهيا. جڏهن ٿڪا ته موٽي وراندي ۾ وڃي ويهي رهيا.
منجهند جو روٽي کائي ٻئي پنهنجي پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ليٽيا. شام جو اُٿيا. چانهه پي دور کيت ۾ هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ وڃي ويهي رهيا. چوڌاري ڦهليل هرياليءَ کي نهاريندا رهيا. شام جو پکين جي جُهنڊ کي پنهنجي آشياني ڏانهن موٽ کائيندو

”تيستائين تون بہ تہ ٻي شادي نہ ڪري سگھندينءَ.“

”سورج هڪ دفعو دوکو کاڌو آهي، ٻيو دفعو دوکو نہ کائيندس. آءٌ وري شادي نہ ڪندس.“

”رات بيئر پيئندينءَ؟“

”تون ڪمپني ڏيندين؟“

”مونکي ضرورت ناهي.“

”آءٌ بہ نہ پيئندس. هاڻي هل تہ ڪُجھہ دير گارڊن ۾ هلي جھولي تي ٿا ويهون.“

ٻئي وڃي جھولي تي ويٺا مس هئا تہ سلونيءَ جي موبائيل تي ڪال آيو. ڪال رميش جو هو. سلونيءَ اِسپيڪر آن ڪري چيو-

”چئہ رميش ڪيئن فون ڪئي اٿئي؟“

”اچا آئي ناهين؟“

”تو اچڻ لاءِ چيو ڪٿي آ؟“

”اچي وڃ. ٻُڌ اِمرجنسي آ، 10 لکہ نہ هڪ ڪروڙ اَنڪل کان بطور قرض وٺي اچ. وياج سميت واپس ڪنداسين.“

”رميش، شيئر مارڪيٽ ۾ آيل گراوٽ سبب ڊئڊي اڳ ۾ ئي پريشان آهن.“

”گھٽ اگھہ ۾ ئي سهين، شيئر وڪڻي پئسا ڏيئي سگھن ٿا.“

”نہ ڏيندءِ.“

”تہ پوءِ تون ڇا اچي ڪندينءَ؟“

”نہ ايندس، ٻيو چئہ؟“

”طلاق ڏيندينءَ؟“

”فلحال تہ اهڙو اِرادو ناهي.“

”منهنجو اِرادو آهي.“

’’ها سلو، توکي وسارڻ بہ منهنجي لاءِ مُشکل آهي. توسان
ستي قائم رهندي.‘‘
مالهيءَ اچي پُڇيين- ’’رسوئي لڳائون؟‘‘
سلونيءَ چيس- ’’لڳائو.‘‘
’’پهلي بيئر لي آئون؟‘‘
’’نهين، صاحب منع کر رهي هئن. روٽي لڳادو.‘‘
مالهيءَ ڊائننگ ٽيبل تي ٻونگا رکيا، پليٽون، باڪول ۽ کوارٽر
پليٽون رکيون. نئپکن، گلاس ۽ پاڻيءَ جي جڳ رکي. سبزي
روسڻ لاءِ هڪ وڏو چمچ رکيو.
سلونيءَ هڪ پليٽ ۾ رسوئي پروسي پليٽ سورج ڏانهن
ڏائي. ٻيءَ ۾ پنهنجي لاءِ پروسيائين. ٻنهين کائڻ شروع ڪيو.
ٽي ختم ڪيائون. مالهي پهريائين بچيل روٽي سبزي ڪٽي ويو
وءِ اچي برتڻ کڻي ويو. ٽيبل صاف ڪري وڃڻ لڳو. سلونيءَ
رس مان 5 سؤ جو نوٽ ڪڍي مالهيءَ ڏانهن وڌايو. مالهيءَ منع
ڪندي چيس- ’’آپ هماري مهمان هئن، آپ سي ڪئسي لي
ڪتا هون؟‘‘
سلونيءَ چيس- ’’هم مهمان نهين، اپني والي هئن.‘‘
نوٽ مالهيءَ جي جيب ۾ وجهي رُکڻ لاءِ چيائينس. ڪمري
وڃي گهران آندل مٺائي، بسڪيٽ ۽ نمڪين جو جهولو ٽي
ٽي اچي مالهيءَ کي ڏيندي چيائين- ’’يي آپکي بچون کي
يئي هئہ.‘‘
مالهي جهولو وٺي سلام ڪري هليو ويو.
سورج ۽ سلوني ٻاهر وڃي چهل قدمي ڪرڻ لڳا. جڏهن مالهيءَ
جي ڪمري جي بتي وسامي ويئي تہ ٻئي سلونيءَ جي ڪمري

ڏنائون.

آسمان اولهہ دشا ۾ سُرخ ٿيندو ويو. سج بہ پنهنجو رنگ بدليو. سونهري مان رتنارو ٿيڻ لڳو. ڏيري-ڏيري پنهنجو مُنهن لڪائيندو اکين کان اوجهل ٿي ويو. ٻنهين موٽ کاڌي. اڄا سوجهرو هو پر مالهيءَ اڇي وراندي جي هال جي ٻ ٻنهين ڪمرن جي بتي ٻاري ويو هو. ٻئي اڇي وراندي ۾ ويٺا.

سلوني موبائيل ڪڍي پيءُ کي فون لڳائي چيو- ”ڊئڊي، ڊرائيور کي چئجو تہ صبوح جو وٺڻ اچي.“ سورج ڏانهن مُخطاب ٿي چيائين. ”سورج اڄ هتي رُڪڻ جو ڪوئي مطلب نہ هو، پوءِ بہ مون رُڪڻ جو فيصلو ڪيو، ڄاڻين ٿو ڇو؟“

”ڇو؟“

”هڪ تہ هاڻي ملون نہ ملون. ٻيو اڄ رات جو تنهنجي گود ۾ مٿو رکي روئڻ ٿي چاهيان.“

سورج سلونيءَ جو هٿ پڪڙي چيو- ”سلو، اڄا تنهنجي اندر جي آگہ ٿڌي نہ ٿي آ؟“

”ڪٿان ٿيندي؟ زندگيءَ مون سان جيڪا بيرحم مذاق ڪئي آهي، سا تہ اڄ بہ پنهنجي جڳهہ تي آهي.“

”ڪاش! آءٌ تنهنجي ڪم اچي سگهان ها.“

”سورج تون پريشان نہ ٿيءُ. آءٌ تو مان ڪائي اُميد نہ ٿي رکان. ڄاڻان ٿي سنگيتا کي وسارڻ تنهنجي وس ۾ نہ آهي. ڪڏهن ڪوچ خبر تہ لهندو رهندين نہ؟“

”ڪوشش ڪري هر آرتوار تي توسان ڪافي هائوس ۾ ملندو رهندس.“

”سچ؟“

ڪريان.“
سورج ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو. سلوني دروازو بند ڪري
ستري تي ليٽي ننڊ ڪي منائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.
سورج ۽ سلوني سويل اُٿي سنان پاڻي ڪري تيار ٿي ويئا.
الهي چانهه ڏيئي وين. چئي وين، آءٌ ناشتو تيار ڪريان ٿو، ناشتو
ائي پوءِ وڃجو.
ڊرائيور صبوح جو 8.30 بجي ونڻ آين. ڊرائيور سميت ناشتو
ائي مالهيءَ کي ڌنيواد چئي اِنڊور روانا ٿيا. اِنڊور پهچي
رائيور ڦيريائين سورج کي منيشپوري سندس گهر ڇڏيو پوءِ
لونيءَ کي سندس گهر ڇڏيو. سورج ماءُ پيءُ کي پيري پئي
ليو. ساڍي 10 بجي دُڪان تي روانو ٿيو. رات جو ڪائي پي
نهنجي ڪمري ۾ وڃي ليٽيو. ننڊ نٿي آيس. ڪروٽون بدليندو
هيو. آخر اک لڳي ويس. سورج ننڊ ۾ ڏٺو سامهون سنگيتا بيٺي
يس. سورج حيرانيءَ مان پُڇيس- ”تون؟“
سنگيتا دُکي آواز ۾ چيس- ”ها مان.“
”ناراض آهين؟“
”ها ناراض آهيان.“
”ڪهڙي خطا ٿي آ؟“
”تو واعدو پورو نہ ڪيو آ.“
”ڪيم تہ سهين توسان شادي ڪئي، ماءُ پيءُ جي سپنن کي
اڪار ڪيو. ٻيو ڇا ڪريان.“
”ممي ڊئڊي توکي آباد ڏسڻ ٿا چاهين.“
”تون ئي تہ مونکي برباد ڪري هلي وئينءَ. هاڻي ڪٿان آباد
بندس.“

۾ ويا. دروازو ٻيڪڙي ٻئي پلنگ تي وڃي ويٺا. سلونيءَ جنگهون ڍڳهيڙي مٿو سروج جي گود ۾ رکيو. سورج مٿي تي هٿ ڦيرڻ لڳس. ڪافي دير مٿي تي هٿ ڦيريندو رهيس. سلونيءَ آهه ڀري چيو- ”لڙڪ ٻه اڄ دغا ڏيئي رهيا آهن.“

”سلو پريشان نه ٿي، لڙڪ آهن ئي نه ته ڪٿان وهندا. لڳي ٿو تنهنجا سُنا ڏينهن جلد شروع ٿيڻ وارا آهن.“

”ڪوڙو دلاسو ٿو ڏين؟“

”نه، سلو، منهنجي دل ٿي ٻولي.“

”لڳي ٿو ننڊ ٿي اچئي، وڃ وڃي سُمهه.“

”سلو، آءٌ سڄي رات ويهي گذاري سگهان ٿو. جيستائين توکي ننڊ نٿي اچي، آءٌ نه ويندس.“

سلوني اُٿي ويٺي. سورج کي چيائين- ”تون ناحق پريشان نه ٿيءُ، جڏهن اچڻي هوندي ننڊ، اچي ويندي.“

”منجهند جو ڪافي دير سُمهيا آهيون. اِئين ٻه ننڊ سٽري نه ايندي.“

”پوءِ ڇا ڪريون؟“

”تون منهنجي گود ۾ مٿو رکي ليٽي پئه. پنهنجي خواهش پوري ڪر، جڏهن پلڪون ڀاري ٿيڻ لڳنديءِ، تڏهن تنهنجو ڪنڌ وهاڻي تي رکي آءٌ پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويندس.“

”تڏهن ٻه اُٿي در ته بند ڪرڻو پوندو.“

”ڇا ٿي چاهين؟“

”ڪُجهه نه، وڃ تون پنهنجي ڪمري ۾. صبوح جو جلد اُٿي تيار ٿي هلڻو آهي.“

”هلان ٿو، شڀ رات، گهري بيفڪريءَ جي ننڊ جي دعا ٿو

ن سان ٿيل ڳالهه ٻولهه جي باري ۾ ٻڌاين. ٻڌي ناڪرداس ۽
ڪلياڻيءَ جون اکيون چلڪڻ لڳيون. سورج جون اکيون به نم ٿي
ويون. اکيون اُگهي ڪلياڻي ٻاهر نڪري ويئي. ٿوريءَ دير ۾
ٽري ۾ ٽي گلاس پاڻي مئڊ سرونٽ کان کڻائي واپس موٽي آئي.
هڪ گلاس مڙس کي ڏنائين، هڪ سورج کي هڪ پاڻ کنيائين.
پاڻيءَ جو ڍُڪ پري ٽنهين گلاس ٽري ۾ رکيا. ڇوڪري ٽري کڻي
هلي ويئي.

ڪلياڻيءَ ٽڏو ساهه پري چيس- ”لال، سنگيءَ جي آتما جي
شانتيءَ لاءِ توکي ڪيل واعدو پورو ڪرڻو پوندو.“

”توهان مونکي غلط ته نه سمجهندؤ نه؟“

”تنهنجو هتي اچڻ ئي ثابت ٿو ڪري ته تون غلط نه
آهين.“

”آءٌ شادي بلڪل سادي نموني ڪندس. توهان ايندا ته مونکي
خاطري ٿيندي.“

”اُن وقت ڏسي وٺنداسين، هاڻي هل هلي نيرن ڪاءُ.“

سورج شام جي گاڏيءَ ۾ ئي واپس روانو ٿيو. ناڪرداس ۽
ڪلياڻي اِسٽيشن تي سِي آف ڪرڻ آيس.

اِندور پهچي سنان ڪري تيار ٿي سورج سلونيءَ کي فون
ڪري ملڻ لاءِ چيو. سلونيءَ چيس، ”ڪنهن وقت ۽ ڪٿي
ملندين؟“

سورج چيس، ”آءٌ دُڪان تي نٿو وڃان. هاڻي ئي تو وٽ ٿو
اچان. تون ڪيڏانهن نه وڃجانءِ.“

سلوني سوچڻ لڳي اهڙي ڪهڙي ارجينسي اَٿس جو دُڪان تي
نٿو وڃي. مون سان ملڻ ٿو اچي؟

”زندگي ۽ موت اِنسان جي وس ۾ نہ هوندو آهي. هڪ جڻي جي مرڻ سان دنيا ختم نہ ٿي ويندي آهي. تون جيستائين آباد نہ ٿيندين، منهنجي روح کي شانتي نہ ملندي.“
”آءٌ تنهنجي شانتيءَ لاءِ جيڪي چئين پوڄا پاٺ ڪرايان.“
”تنهنجي شاديءَ جا منتر، اگنيءَ جي چوڌاري ڦيرا، ممي ڊئڊيءَ جي من جي خوشي ئي منهنجي روح کي شانتي ڏيئي سگهي ٿي.“
سورج سوچ ۾ پئجي ويو. سنگيتا چيس- ”ڇا ٿو سوچين، مون وٽ وقت گهڻو ناهي، واعدو ڪر تہ تون وري شادي ڪري گهر وسائيندين؟“
سورج چيس- ”واعدو ٿو ڪريان....“ پوري ڳالهہ بہ نہ ڪيائين، سنگيتا اکين کان اوجهل ٿي ويس. سورج ڇرڪ ڀري اُٿي ويٺو. پسيني ۾ ترٻتر ٿي ويو. تڪڙا ساهہ کڻڻ لڳو. اکين مان ننڊ ڪافور ٿي ويس. اُٿي بتي ٻاريائين. گلاس ۾ پاڻي ڀري پيتائين. موبائيل ۾ ڏٺائين صبوح جا 5 ٿي رهيا هئا.
سورج مٿو پڪڙي ويهي رهيو. صبوح جو اِنتظار ڪرڻ لڳو. صبوح جو جلد تيار ٿي ويو. ماءُ پيءُ کان موڪل وٺي شام جو ڪٽنيءَ روانو ٿي ويو. صبوح جو ڪٽنيءَ پهتو.
اچانڪ سورج کي آيل ڏسي ناڪرداس ۽ ڪلياڻي حيران ٿيا. سورج ٻنهين کي پيري پيئي مليو. ٻنهين آشيرواد ڏنس. ٻئنڪ ۾ وٺي ويس. ڪلياڻي سورج جي لاءِ ڪُجهہ کٽي اچڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ لڳي. سورج چيس- ”ممي توهان ڪيڏانهن نہ وڃو، آءٌ ڌرم سنڪٽ ۾ آهيان، توهان راهہ ڏيکاريو.“
ڪلياڻي ويهي رهي. سورج رات جو ننڊ ۾ سنگيتا جي اچڻ ۽

”وٺ طلاق، پوءِ شادي ڪنداسين.“
”تون مذاق تہ نٿو ڪرين؟“
”آءٌ سيريس آهيان.“
”هل ڊئڊيءَ سان ڳالهاءِ.“
سلوني سورج کي پيءُ وٽ وٺي ويئي. سورج وشنداس اڳيان
هنجي منشا ظاهر ڪئي. وشنداس مجبوري ظاهر ڪندي
پس- ”هن وقت منهنجي حالت نيڪ نہ آهي، آءٌ.....“
سورج چيس- ”مونکي سلونيءَ کان سواءِ ڪُجهہ بہ نہ گهرجي.
دي بہ سادگيءَ سان ٿيندي.“
وشنداس سورج کي ڳلي لڳائي چيو- ”خوش رهہ پُٽ، تو
هنجي چنتا دور ڪري ڇڏي. مونکي يقين آهي تون سلونيءَ
ب خوش رکندين.“
سورج رات جو ڊائننگ ٽيبل تي رسوئي کائڻ وقت ماءُ پيءُ
ي اڳيان شادي ڪرڻ جي اِرادي جو اِظهار ڪيو. ٻُڌي ٻنهين
و چهرو تڙي پيو.
آپسي سمجهوتي سان سلونيءَ جو رميش سان طلاق ٿي ويو.
ٽي سلوني مُڪت هئي. سورج واعدي مطابق سلونيءَ سان شادي
ئي.
رات جو سورج سلونيءَ کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويو. سورج
نگيتا جي فوٽوءَ اڳيان وڃي چيو- ”ڏس توسان ڪيل واعدو
اهيو. هاڻي تہ شانتي مليئہ نہ؟“
سلوني ڪيتري دير تائين سنگيتا جي تصوير ڏانهن نهاريندي
ي.
سُهاڳہ سيج تي وڃي سلونيءَ سورج کي چيو- ”اڄ مونکي

ڊرائيور سورج کي پلاسيا ڊراپ ڪري هوندراج کي دُڪان تي وٺي ويو.
دروازو کُليل هو. سورج اندر وڃي سلونيءَ جي ماءُ پيءُ سان ملي چين- ”آءٌ سلونيءَ سان ملڻ ٿو چاهيان.“
وشنداس چيس- ”سلوني پنهنجي ڪمري ۾ آ، وڃي مليس.“
سورج سلونيءَ جي ڪمري ۾ ويو. سلونيءَ چيس- ”اچ، آءٌ تنهنجو ئي اِنتظار ڪري رهي آهيان. اچ اچانڪ؟“
”توسان ضروري ڳالهائڻو آهي.“
”اچ ويهه.“
سورج ڪُرسيءَ تي ويهي رهيو. سلوني به ويهي سورج جي مُنهن کي تڪڻ لڳي.
سورج پُڇيس- ”هاڻي تنهنجي ڏيڏيءَ جي مالي حالت ڪيئن آهي؟“
”ڊانوان ڊول.“
”هاڻي اگر ڪير توسان شادي ڪرڻ چاهي ته توکي اِئين ته نه لڳندو ته هوُ توسان نه تنهنجي ڏيڏيءَ جي دؤلت لاءِ توسان شادي ڪرڻ ٿو چاهي“
”تون هي ڇا ٿو چئين؟ منهنجي ته ڪُجهه سمجهه ۾ نٿو اچي؟“
”سلو تون مون سان شادي ڪندينءَ؟“
”تون هوش ۾ ته آهين؟“
”پوري هوش حواس ۾ آهيان. ٻُڌاءِ ڪندينءَ مون سان شادي؟“
”بنا طلاق وٺڻ جي آءٌ شادي ڪيئن ٿي ڪري سگهان؟“


پنهنجي گود ۾ مٿو رکي خوب روئڻ ڏي، آءٌ اندر جو سڀ غبار
ڪڍي توکي پنهنجو ڪورو من اَرپڻ ڪرڻ تي چاهيان.“

سلوني سورج جي گود ۾ مٿو رکي ليٽي پيئي. سورج سندس زلفن کي سهلائيندو رهيو. سلوني سورج جي جهولي موتين سان ڀريندي رهي.

(سماپت)

VAIDO (Novel)

Amar Gopalani



نو،

ن جي ٻہ عجيب فطرت ٿيندي آهي.

دماغ ۾ اَهنڪار جو واس ٿيندو اَٿس تہ پاڻ

ا ڪان بہ ڏاڍو سمجهندو آهي. سچائي اِها

، نہ دل وس ۾ هوندي اَٿس ۽ نہ حالات. اُن

اڻ کي مجبور، لاچار سمجهندو آهي.

ھن دل ۾ پيار جو سلو ڦٽندو آهي تہ آڪاش

ڻ لڳندو آهي. جڏهن حالات مجبور ڪندا اَٿس ۽ پيار جو سلو

ڻ لڳندو اَٿس تہ دل غم سان ٽمٽار ٿي ويندي اَٿس. وجود

لاش جهڙو ٿي ويندو اَٿس.

ئي زخمن تي ملم لڳائڻ وارو ملي ويندو اَٿس تہ دل کي آٿت

اَٿس. دل جي مُرجهايل ڪلي وري ٽڙڻ لڳندي اَٿس. مُرده

۾ جان ڦوڪجي ويندي اَٿس.

عدو“ اَهڙي ئي هڪ شخص جي زندگيءَ ۾ آيل اُٿل پُٿل جي

ن آهي. اُميد آهي تہ منهنجو هي ناول بہ توهان کي پسند ايندو.

قربن مان

امر گوپالاڻي

اِي-98، ساڪيت، اِندور-452018.

سيل نمبر : 08989831884

Ahuja Graphic Service : 7817888191-8780671345